# زندگی کی کشش



ہیروشیو کاٹی

آفتاب احمد سومرو
[illegible]
سنڌ
۱۹۸۳،۱،۲۵

# زندگي ۽ ڪشمڪش

ڪهاڻيون

هيرو شيوڪاڻي

قيمت ۵ روپيا

ڪنول پبلشرس
حيدرآباد سنڌ

Zindgi ain Cactus (Short stories) By
Hero Shew Kani
Copies- One thousand
Title Design- Ayaub Gaad
Paper- Mechinical paper
Year- 1981 Febuary
Printer- Perfect Printers 474 Shadar Hyd.
Publisher- Kanwal Publishers c/o
Perfect Printers Sadar Hyd.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

○ هي ڪتاب هيرو شيوڪاڻي جي بهترين ڪهاڻين جو ميڙ آهي. هيري زندگي جي هر پهلوءَ کي چڱي نموني ڏٺو، وائسي، سوچي لوچي پوءِ ڪهاڻيون تخليق ڪيون آهن. ان ڪري اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته سندس هر ڪهاڻي شاهڪار آهي. ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته هيري جو شمار هند جي عظيم ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. هن ڪهاڻي جي صنف تي ڳوڙهو ابياس پڻ ڪيو آهي ۽ جنهن جي لاهين چاڙهين کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ چڱي نموني ڇنڊيو آهي.

اسان جي پروگرام ۾ ايندڙ ڪتاب: "دنيا جي عظيم ليکڪن جا پنهنجي محبوبائن ڏانهن لکيل خط" آهي- اهو ڪتاب 'پريمپتر' نالي اوهان جي آڏو ايندو.

# ڪهاڻيون


سرابيل ستارن جي دوري ٥

بيابان جو هڪ اڏ وڻ ٢٢

زندگي ۽ ڪشش ٣٢

پورٽريٽ هڪ پيءُ جو ٤٢

آتم هتيا ٥٦

لئمپ پوسٽ جي روشنيءَ ۾ ٧٠

خوف ٨٧

# سراپيل ستارن جي دوري

شاردا جي هن پوئين خط منهنجيءَ دل کي اصل نپوڙي ڇڏيو آهي، لکي ٿي: ”پريم، اسانجي اها ملاقات ڇا صرف اتفاق هئي ته اسين پوءِ، هن زندگيءَ ۾ شايد ڪڏهن به نه گڏجون؟ اڄ ڇهن مهينن بعد، وري ڪڏهن به نه گڏجڻ جو هي تکو احساس، منهنجو من نه قبولڻ لاءِ ڦٿڪي رهيو آهي، پر هزارن ميلن جي هيءَ دوري، هي مفاصلو، مان ڪئن ٻلجي سگهان، ڪئن وساريان، ان ٻڌارت کي مان ڪئن انڪاريان؟“ ۽ هن پيون به ڪيتريون ڳالهيون ساڳئي جذباتي نوع ۾ لکيون آهن، جيئن هوءَ گذريل ڇهن مهينن کان لکندي رهي آهي. ليڪن هن پوئين خط ته منهنجي اندر طوفان پيدا ڪري ڇڏيو آهي. جيون ۾ ڪڏهن به نه گڏجڻ جو اڇاتل خوف، هڪ لتايل سچ، جنهن کان مان گذريل ڇهن مهينن کان ڀڄندو رهيو آهيان، هن خط مان ابري، ساڪار ٿي آيو آهي، تنهن مان وسهڻ لڳو آهن ته مان سچ پچ هاڻ شاردا سان ڪڏهن به گڏجي نه سگهندس!

خط جي ڪنڊ تي، ڏسان ٿو ته ارناڪولم لکيل آهي،

۽ اڄ ڪاڻ ته ڏينهن اڳ جي تاريخ شاردا جي موٽي ۽ جهڙن هندي اکرن ۾ لکيل. ارناڪولم! دوريءَ جي پيمانڪتا منهنجي ذهن ۾ سخت تيئي لڳي. سچ ته اجمير ۽ ارناڪولم جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق! هزارن ڪلوميٽرن جو هي سفر! شاردا ۽ مان! انهن سلسلن کي وري سمجهڻو پوندو. ڪير آهي اها شاردا، جو آهي اها شاردا، ارناڪولم جي هاير سيڪنڊري اسڪول جي ماستريائي مس شاردا ممال، مون لاءِ 'شاردا' ڪيئن بڻجي ويئي، جو بڻجي ويئي! اهو به هڪ اتهاس ٿي ته آهي. منهنجو پنهنجو اتهاس، ننڍو اتهاس، منهنجي سمرتيءَ جو هڪ اٽوٽ انگ.

اتهاس —

اتهاس جون ڪي ڪڙيون ——

—— پارت جو ڪو مکيه شهر. ان شهر جي ڪنهن ٽڪريءَ تي، هڪ ڪاليج ۾ ديش جي چونڊ ماسترن ماستريائين جو هڪ مهيني لاءِ ريفريشر ڪورس. پهرين ٻن ٽن ڏينهن جي اچاتري واقفيت ۽ مسڪراهٽن جي ڏي-وٺ. ڪلاس ۾، ليڪچر هال ۾، 'ميس' ۾ هڪ ٻئي کي تورڻ پرکڻ جي پرڪريا ۽ چوٿين ڏينهن ساٿين جي پروفيسر سان بحث، بحث ۾ ٽڪراءُ ۽ ترشي ۽ ان بعد ڏي ٽائيم وقت ڪاليج جي لائونج ۾، ڪينٽيريا ڏانهن، الڳ الڳ رد-عمل.

انهيءَ وچ ۾ ڏکڻ ڀارت جي لڳمدڙ، هلڪي

سانوري رنگ جي هڪ سلوڻي ماسترياڻي اسٽرتا سان
وڏي اچي پڇي ٿي.
”توهانجو نالو ڪٿواڻي آهي، توهين سنڌي آهيو
نه؟“

”ڪٿواڻي نه، ڪٿواڻي“ مان ’ڪ‘ جي اچار تي زور
ڏيئي مسڪرائي ٿو ڏيان ۽ موٽ ۾ هوءَ به ڪجهه لڄي
ٿي مسڪرائي ٿي وهي.
”مي اِز سي-ايم شاردا ممال، هائير سيڪنڊري
اسڪول - ارناڪولم“

مان ٻئي هٿ ملائي نمسڪار جهڙو ڪجهه ڀاو
ٻڌايان ٿو. ان وچ ۾ بيرو ڪافيءَ جا پيالا کڻي ٿو اچي
مان هڪ پيالو هن ڏانهن وڌايان ٿو ۽ ٻيري کان ٻيو
وٺي، سندس ڀرسان ٻيٺل ٻيءَ ماسترياڻيءَ کي آڇيان ٿو
ته هي چوي ٿي: ”ڌ. مهرباني، هيءَ شربت لاءِ چئي
آئي آهي.“ ۽ پوءِ هو ڌيري ڌيري ڪافي ’سپ‘ ڪري
ڪري. ڪيفيٽيريا ۾ چڱو شور پرجي ويو آهي ڪي
ويٺا آهن، ڪي بيهي بيهي، چانهه، ڪافي يا شربت
پيئندي گذريل ليڪچر بابت ڳالهه، بحث ڪري رهيا
آهن. ڪي، رکي رکي مون ڏانهن جگيماسا سان نهارين
ٿا، ڇو جو اڄ منهنجي ئي هڪ سوال ساهتيه جي ان
پروفيسر کي ’پزالڊ‘ ڪري ڇڏيو هو.
”سچ، مسٽر ڪ - ڪٿواڻي، توهانجو سوال هن ويچاري
لاءِ مصيبت بڻجي پيو، ليڪن، توهانکي هڪدم ايڏو

ڪرؤنيل نہ تي وڃڻ ڪپي. اصل ۾ تہ اسين هتي ڪجهہ سکڻ آيا آهيون نہ.“ هوءَ چئي ڪجهہ حجت جي نوع ۾ ڪلي ٿي وهي ۽ پوءِ ڪافيءَ جي پيالي ۾ منهن کپائي، پنهنجو پاڻ، ان بابت مون وٽان ڪجهہ ٻڌڻ مان نٽائي ٿي چڏي.

”مونکي دک آهي، سچ، مون اهو سوال هن کان انڪري پڇيو جو مان خود ان بنسبت چٽو نہ هوس. ليڪن هن مونکي غلط ورتو. مان پهلا ان ۾ ڇا ٿو ڪري سگهان؟“

ان وچ ۾ ٻيا بہ ڪي ٽريني اڳيان وڌي ٿا اچن ۽ پوءِ رد-عمل ڪافي وڌي ويو آهي. مان ڏسان ٿو مس شاردا ممال اهو سڄو وقت اٿي بيهي، دلچسپيءَ سان اهو بحث ٻڌي ٿي ۽ وچ وچ ۾ ’ڪامينٽ‘ بہ ٿي ڪري جدا ٿيڻ وقت، ليڪچر هال مان، هاسٽل ڏانهين هوءَ مونسان گڏ آهي ان ڏينهن ’فارمل‘ نموني موڪلايو آهي.

* * *

ٻئي ڏينهن رات جو — ڪاليج لئبرريءَ ۾. رات جا ڏهہ ٻجا. مان هڪ آرام- چيئر تي آهلي، برنارڊشا جي ناٽڪن جون پيوسڪائون پڙهي رهيو آهيان. پٺيان هلڪڙو گڏيل زنانو کل جو آواز. ”اڙي، هي ڇا، مسٽر کٽوالي توهين سڄي لئبرري ئي چٽي ڇڏڻ لاءِ سنپريا آهيو ڇا؟ پاڻي، ڪجهہ اسان لاءِ بہ تہ بچايو.“

مان مڙي نهاريان ٿو، ٽن ماسترياڻون جي وچ ۾ شاردا

ممال کلي رهي آهي.

۽ مان ڪجهہ لڄي ٿي، ڪتاب جي وچ ۾ پڙهيل صفحي وٽ آڱر جهلي، سڌو ٿي. ويهندي چوان ٿو، ”نہ، نہ، ڪنتي! ائين ٿي ذرا پڙهي رهيو هوس.“

”اهو جيڪڏهن ’ذرا‘ پڙهڻ آهي تہ پوءِ گهڻو پڙهڻ ڇا ٿيندو آهي؟“ هوءَ اکيان وڌي، ڪجهہ نوڙي منهنجي هٿ واري ڪتاب جو نالو پڙهڻ لڳي ٿي.

”هي تہ برنارڊشا آهي —— لئبرري تہ توهانجي اکيان پيئي آهي.“ مان ائيو ٿو ڪريان تہ اڄان بہ منهنجو آواز اڪڙيل ۽ موڳو آهي.

ڏسان ٿو، الائي منهنجي ان وهنوار ۾ ڇا هو، جو هڪدم هوءَ ڪجهہ ديا سان پرڄي ٿي اچي ”اڙي، توهين تہ گهبرائجي ويا. مان تہ فقط مذاق ڪري رهي هئس. پڙهو، خوب پڙهو. هتي ٻيو ڪرڻوئي ڇا آهي. هن قسم جي لئبرري وري ڪڏهن ملندي، پر ڏسجو، ان ڳيان گنگا مان ڪجهہ سرڪيون اسان کي بہ وٺائجو هان.“

ايستائين مان پاڻ سنڀالي ويو آهيان. اٿي ٻيهي هنن سان ڳالهايان ٿو.

ترت ٿي هوءَ ڪجهہ ياد ڪندي چوي ٿي، ”اڙي، ها، ياد آيو. سڀاڻي ’گروپ ڊسڪشن‘ ۾ ٻهريون پيپر توهان ڪي پڙهڻو آهي نہ؟ پوءِ تہ پائي، محنت ڪرڻي گهرجي. ڪلهہ نوٽيس-بورڊ تي لسٽ لڳي هئي. ٻڌايو ڪهڙو ڪتاب چونڊيو اٿو، آلوچنا لاءِ.“

”اڇا ڪجهه، ٺيڪ نه آهي. منهنجي پيءُ آهيان ڪهڙو ڪتاب چونديان“ مان ڪياڙي کڻندي ڪجهه، اهڙي ڍنگ سان چوان ٿو جو شاردا زور زور سان کلي ٿي پئي. هڪ مڪمت، نردوش، لڀائيندڙ کل!

”ائين ڇو نه، ته اتي سيني کي سرپرائيز ڪندس! پر اهو ياد رکجو، پيءُ تي آلوچنا ڪرڻ واري کي پاڻ به تيار رهڻو پوندو. ترسو، سڀائي توهان جي خبر وٺبي.“

* * *

ڪجهه ڏينهن بعد ـــــ

هڪ ڏينهن، شايد آرتوار جي هڪ صاف سهاني رات، ريفريشر ڪورس ۾ ڀاڱي وٺندڙن جو هڪ ننڍو موٽو ڪلچرل پروگرام، هاسٽل جي ڪليل ڇت تي. هيٺ، ٽڪريءَ جي چوڌاري ڦهليل شهر جي جهلمائيندڙ روشن گهيري ۾! رت هئي، پارٽ جي الڳ الڳ ٻولين جا لوڪ گيت، پريم - گيت پيش ڪجن. ڏسي ڍنگ رهجي ويو هوس ته ڪيئن نه اچانڪ اها شاردا سڄي پروگرام جي سنچالڪا بڻجي ويئي هئي. هر آئيٽم کان پوءِ مڌر سنگيتمي، آواز ۾ وندرائيندڙ - ڪامينٽري پنهنجي دکن - پارٽي اچارن واريءَ هنديءَ ۾ ڏيئي رهي هئي. نه رڳو ايترو، هن سنسڪرت ۾ هڪ پراڻا گيت، جڏهن مائيڪ اڳيان ويهي اچي ڳايو، تڏهن مون انيو ڪيو، اهو آتمڪ سر، دور ڪان، مها ڪاويه يگ جي پوين، اتهاس مان ترندو، ساڪار ٿيندو، مون تائين پهچي

رکيو هو.

”يا ڪنديندؤ تشار هار ڏولا،
يا شيِر وسترا ورتا،
يا ويڻا ور دنڊمنڊت ڪرا،
يا شويت پدماسنا!“

کهڙو ميناج آهي هن ناريءَ ۾! رڳو ميناج نه، درد به. درد مان اڀري ايندڙ انوکو ميناج! گيت جون اهي چار مصرعون، منهنجي هرديه تي ان وقت ئي اڪري ويئون هيون. اها چاڻ تڏهن نه، بلڪ ڪجهه وقت پوءِ پيئي. شايد هن جي ئي گهڻي زور ڀرڻ تي مون به هڪ گيت ”جيجل جڻن لاءِ“ ڳائي ورتو هو. پڏندڙن کي گيت جو ارٿ ۽ سسئيءَ جي پريم ڪٿا جو پس منظر به هنديءَ ۾ ٻڌايو هوم.

پروگرام رات جو ڪافي دير سان پورو ٿيو. اسين سڀ ڏيري ڏيري سنگيت-محفل جي انوکي نشي جي اثر هيٺ، ڏاڪا لهي رهيا هئاسين، ۽ ڏنم-شاردا ٽڪڙو ٽڪڙو ويجهو آئي، چيائين ”ڏنيواد، مسٽر ڪنواڻي. سڌ ڪانه هيم ته سنڌيءَ ۾ به اهڙيون پريم-ڪهاڻيون چيل آهن. پنهنجي مڌر گيت لاءِ منهنجون واڌايون قبول ڪريو.“

”چڱو، مس ممال، مان رساتي شستاچار ڪي ڪونه مڃيندو آهيان. در اصل اڄ توهانجي هڪ نئين، مڌر، ڪلاڪار روپ جي چاڻ پيئي. ڏنيواد ڏيڻ جي اصل ۾ مرضي منهنجي هئي – پر سوچيم، هينئر نه، متان ايمان

۾ ٻرجي وڃو، ٻئي ڪنهن وقت ڏيئي ڇڏيندس."

هن جي اهائي مڪت، نردوس ڪل گونججي ويئي هئي ۽ مان دل جي اندرين تهن تائين لرزي آئيو هوس. هن ناريءَ کي سمجهڻو ٻوندو، ڇاڏٿو ٻوندو. پر مان چپ رهيو هوس. هيٺ لهي، هوءَ ڀرپور نمسڪار ڪري پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي ويئي هئي ۽ مان پنهنجي ڪمري ڏانهن. ان رات مونکي تمام دير تائين ننڊ ڪانه آئي هئي.

* * *

ٽڪريءَ جي الهندي پاسي، بلڪل لڳو لڳ شهر جو مشهور تلاءُ آهي، دور تائين ڦهليل. مان پنهنجي روم - ميٽ راجستاني دوست سان، شام جي وقت شفق ڏانهن تيزيءَ سان پڇندڙ سج کي شاهد بڻائي، هيٺ تلاءُ جي هڪ سڄي اڏانگي پاسي لهي آيو آهيان. اسان ٻئي هڪڙو مختصر ائڊوينچر ڪري وڻ جي بود ۾ ٻرجي، ڪناري تي وڻ جي پنهل تارين سان تلاءُ جي پاڻيءَ کي آڏائيندي وڌي رهيا آهيون. پنيان راجستاني متر هڪ دوهو ڏيمي ڇني آواز ۾ ڳالهائڻ تو لڳي. منهنجي نظر مٿي، ٽڪريءَ تي رهجي ويل ڪاليج بلڊنگ جي برج تي ٽي ٻوي. ٻيءَ پر سج ٻن ٽڪرين جي سنڌ واري جڳهه ڇڻ اٽڪي پيو آهي ۽ ان جا ڪرڻا پاڻيءَ مٿان ڪنهن مقرر گهيري ۾ ليٽي پيا آهن ڪجهه اڳتي وڌي راجستاني متر، اشارو ڪري منهنجو ڌيان مٿي،

ڳاڙهيءَ ساڙهيءَ ۾ شاردا ٿي ته آهي. مان اتان ٿي اڳتي وڌان ٿو ۽ ڪجهه وقت بعد موٽي پهچي ٿو وڃان. هوءَ سڀ پٽرن تي ويهي رهيا آهن، مان به اتي ئي ويهي سهڪي رهيو آهيان. شاردا يڪسان مون ڏانهن نهاري رهي آهي. اينتري ۾ راجستاني متر به اچي ٿو پهچي. شاردا چوي ٿي "ماڻونٽبينٽر صاحب، توهان کي ته انعام ڏيڻ گهرجي."

"پوءِ، ڏيو نه انعام." مان هن ڏانهن سڌو نهاريندي چوان ٿو.

"پڌايو، توهان کي ڪهڙو انعام ڏجي." شاردا جي پاسي واري مسز گرگ پڇي ٿي.

"مس شاردا جو هڪ مٺو مڌر گيت."

"رائيٽ! مس شاردا توهين گيت پڌايو." راجستاني متر پٽر تي طبلي جيان هٿ وڄائي پنهنجي آرڪيسٽرا جي تياري ٿو جتائي.

هڪ لنبو پل خاموشي.

پوءِ هڪ مڌر گيت، پهرين ڌيمي سر ۾ دور ڪان ايندڙ تو پاسي، پوءِ وڌيڪ چٽو، گهرو. گيت ملايالم ٻوليءَ ۾ هو. گيت جو ارٿ مون نه سمجهو، شايد پاو به نه. صرف هڪ گونج، مڌر جهنڪار، هڪ ڪلاسيڪي هڳاءُ، درد جو انعام روپ، هڪ ڳالهائيندڙ خاموشي! مون هن جي لرزائيندڙ چپن تي اکيون کپائي ڇڏيون آهن. پوءِ شايد شاردا گيت جو ارٿ به پڌايو، پر مون

نہ پڏو، مون نہ سمجھيو!

گيت ختم ڪري ھوءَ ترت ئي اٿي بيٺي. مون ڏٺو ھن جي چھري تي درد جا بادل مڙي آيا ھئا، ڇو ته ھوءَ دور ھلي ويئي ھئي. سچ ڇگو وقت اڳ لھي چڪو ھو. ھيٺ تلاءُ ڏيري ڏيري، ڇوڏاري بيٺل ٽڪرين جي سياھ پاڇولن ۾ ديھجي ويو ھو ۽ دور ھڪ ٽڪريءَ تي پري آيل بجلي بتين جا آلرا تلاءُ جي جسم تي آيري آيل زخمن جيان پوسري رھيا ھئا.

رستي تي اسان مان ڪنھن به ڪجھ نہ چيو ٽڪڙو ٽڪڙو ھاسٽل ڏانھن وڌي آياسين. 'موس' ۾ ڏاندر "ڊنر" جي تياري ٿي چڪي ھئي.

* * *

"اوھو، تہ گھڻن ڏينھن کان پوءِ پنھنجي ٻاشا ٻڌڻ جو مزو ماڻي رھيا آھيو، اڏن نہ."

منھنجو ڌيان ٽٽي ٿو پوي. مڙي نھاريان ٿو. شاردا نھايت پنھنجائيءَ سان مشڪي رھي آھي. وري وڻ جي ڇانوَ ۾ نديڙي ڪٽنب کي ڏسان ٿو. ھا، سچ پچ سنڌي آھن. منھنجو ڌيان حقيقت ۾ ان طرف ڪونہ ھو. پر جلد ئي شاردا جي ڳالھ جو ارٿ سمجھي، اٿين ٿي ڪنڌ لوڏي ھا ٿو ڪريان.

"منھنجي ھڪ سنڌي ساھيڙي آھي ــ راڻي. ھنکي سنڌيءَ ۾ ڳالھائيندو ڏسي، مونکي ڏاڍو مزو ايندو آھي. جڏھن واپس ويندس نہ، توھان جو ذڪر ان سان ضرور ڪنديس."

شاردا بلڪل ويجهو اچي ويٺي آهي.

اسين ان وقت سانچيءَ جي مکيه اسٽوپ کان ڪجهه قدم پري وڻ جي ڇانوَ ۾ ويٺا آهيون. شاردا جي اکين تي گاگلس آهن. ٻيا ٽريمي ڪائيڊ کي گهيرو ڪري ويٺا آهن. هو اسٽوپ جي دروازي اڳيان بيهي، ٻڌ جي جيون چرتر تي ڪي رنگين جملا دلچسپ نموني ٻڌائيندو رهيو آهي.

مونکي ياد آيو، صبح جو ڪاليج - بس ۾ چڙهڻ وقت، شاردا ڪجهه اداس هئي. مون ڪيس 'وش' به ڪئي، پر هن ٻورو گرمائش ڀريو 'ريسپانس' ڪونه ڏنو هو ۽ پوءِ مان به بس ۾ سڄو وقت، پنهنجي چلولائي پلجي ويٺو رهيو هوس. ايتري قدر جو سانچيءَ پهچي، ٽڪريءَ تي چڙهندي، آس پاس جي کنڊهرن کي ڏسندي، مون پاڻکي ٻٽ اکاوڻي پاتو.

۽ هيءَ شاردا ڪيترو ويجهي ٿي لڳي، صبح واري شاردا ڪيترو دور هئي!

مان پڇان ٿو "ڇو، توهان اڄ صبح جو اداس هئا."

هنجي چهري جا خوشنما ڀاوگم ٿيڻ ٿا لڳن. اهائي صبح واري اداسي موٽڻ ٿي لڳي. مان اندر ئي اندر چيخي ٿو اٿان: نه، اٿين نه، شاردا! اٿين ته نون تمام پري ٿي هلي وڃين. ليڪن مان چپ رهيس، سوچيم جواب پاڻ جو آگره ڪونه ڏيکاريندس.

هوءَ سامهون اسٽوپ ڏانهن نهاريندي صرف ايترو

تي چوي ”خاص ڳالهه ڪانهِ هئي. گهران هڪڙو خط
آيو هو.“

محسوس ڪيم، چوڻ جو لهجو ڪافي ٿڌو ۽
غير همتائيندڙ هو. ان ڪري ورجايان ڪونه ٿو ۽ اسين
هڪ ٻئي وقت ڪوشش ڪري ان ڏکيءَ پيڙ ۾ گم
ٿي، گائيڊ جي سمجهائي، ٻڌي رهيا آهيون.

*　　　*　　　*

انهيءَ رات ——

لئبرريءَ مان موٽي وقت، ڪاريڊار جو هڪ اونداهو
حصو پار ڪري، ڇت ۾ ٻرندڙ روشنيءَ جي گهيري ۾
هڪ هنڌ شاردا بيهي ٿي رهي. مان، هن سان ٿي گڏ
لئبرريءَ مان نڪتو آهيان، اتي رڪجان ٿو. ٻيا ٽريني
ڪجهه اڳيان وڌي ويا آهن.

شاردا يڪايڪ بنا ڪنهن ڀومڪا ٻڌڻ جي چوي
ٿي ”مسٽر ڪتوائي، توهان اڄ صبح جو مونکان اداسيءَ
جو ڪارڻ پڇيو هو نه. الائي ڇو توهان کان ڪجهه
به لڪائڻ جو من نٿو ٿئي.“

مان هلڪي روشنيءَ ۾ ڏسان ٿو هن جي اکين ۾
ڪجهه جمي ويو آهي. تر لتا جو هڪ گهرو شفاف تهه،
هن جي چهري تي ڦهلجڻ لڳو آهي.

هوءَ چوندي ٿي رهي ”منهنجي پيءُ جي طبعيت خراب
هئي، جڏهن مان هيڏانهن اچي رهي هئس. منهنجي دل
اصل، ڪانهِ هئي. پرنسيپال تمام زور ڀريو، انڪريمينٽ

بند ڪرڻ جو ڊپ ڏيکاريائين. مان ٿي هن وقت پنهنجي فئملي جي ارننگ ميمبر آهيان، ۽... مونکان ننڍيون ڀينرون آهن، ۽ ننڍا ڀائر، ماءُ، پيءُ، ٻڍاپو ڇا ڪريان."
'ان خط ۾ ——' مون همدرداڻي نوع ۾ چوڻ چاهيو.
"ها، لکيل هو - فادر کي ڪافي دؤرا پوڻ لڳا آهن. رڱي؟ - منهنجي ننڍي ڀيڻ لکيو هو هوءَ هن وقت بي- اي پڙهي رهي آهي." شاردا دروازي ڏانهن وڌي ٿي وچي.
ڪاليج جي ڪمپائونڊ وال پار ڪرڻ تائين مان سڻ ۾ هلندو رهيو آهيان. ٻاهر ٽڪريءَ تي چانڊوڪي چٽڪيل آهي. هيٺ تلاءَ جي پاڻيءَ ۾ هڪ ٻن سراپيل ستارن جا ڏنڌلا عڪس، هڪ ٻئي کان دؤر جهلڪي رهيا آهن.
ٻڌان ٿو. هوءَ چئي رهي آهي، "ان ڪري، ٽيهن سالن جي عمر ۾ به شادي نه ڪري سگهي آهيان، ڪيئن ڪريان؟ ڀائرن ڀينرن جو ڇا ٿيندو؟ ۽ شادي؟ ڇا ڪنهن ڀارتيه ناريءَ جي ائين سؤلي تي ٽنگي؟"
پوءِ تورو رڪجي، هڪ اسپاويڪ ٺهڪ ڏيئي هوءَ مون ڏانهن سڌو نهاري چوي ٿي، "توهان به چوندا، کهڙو دڪ-پراڻ اچي کولي ويٺي آهي. ڇڏيو، اهو ته اٿين هو ——"
شاردا پنهنجو پاڻ سان لڙي رهي آهي، مان انڀو ٿو ڪريان. هي ٻڌيمان ناري شايد ايڏو ڪڏهن ڪونه

ڀڳهري آهي، ڪڏهن ڪونه چلي آهي. مان چوان ٿو.
”نه، شاردا، تون ڇنه، مان ڀڄندس. ڇني نٿو سگهان،
ڏوکي ڪهڙو آٿت ڏيئي ٿو سگهان. ليڪن تون مونکي
سڀ ڪجهه ڀڏاءِ. هيءَ سڄي رات تون مونکي اٿڻ
ڀڏائيندي رهه.“

ايسٽائين اسين هاسٽل جي مکيه دروازي تائين پهچي
چڪا آهيون. شاردا چپ. ليڊيز سيڪشن ڏانهن مڙندي،
هوءَ ڪجهه رڪجي ٿي، جهجهڪي ٿي — ”مسٽر کٿواڻي،
مونکي معاف ڪري ڇڏجو. اهو سڀ وساري ڇڏجو. مان ٻهڪي
ويئي هئس“ ۽ پوءِ نڪڙو تڪڙو ڪاريڊار ۾ جنسي
ڊڪندي هلي ٿي وڃي.

* * *

ٻئي آرتوار کان ٻه ڏينهن اڳ يعني ڪورس پوري
ٿيڻ ۾ باقي نوَ ڏينهن وڃي رهيا هئا. ٽڏهن صبح جو
پهرئين ليڪچر بعد، ٽي - بريڪ وقت، ڪئنفيٽيريا مان
ٻاهر نڪرندي، شاردا منهنجي ٻانهن کي پڪڙي،
چڪيندي، مونکي ڪنهن اڪيلي هنڌ وٺي ڇيو هو ته
مان هن آرتوار ڏي ٽلاو ۾ بوٽنگ جو پروگرام ضرور
ٺاهيان، هن جون ٻه ساهيڙيون به هونديون، گيت ڳائيندا،
ٿيندا. ۽ پوءِ اسين ڪلاس ڏانهن وڌي آياسين.

بوٽ اسان کي ڪجهه دير سان مليو. موڪل هنڻ
ڪري ڪجهه ڀيڙ هئي. شاردا اهو اڌ منو ڪلاڪ منهنجي

پر ۾ هئي. هن ڏيمي آواز ۾ 'بندني' فلم جو گيت ٻه ٽي ڀيرا ڀڃي ٻڌايو هو. اٽيڻي مون هنجو ساڄو هٿ، پنهنجي هٿن ۾ جهلي، چيو هو "شاردا، مان ڏوڪي جيون ساٿي بڻائڻ ٿو چاهيان." هن ان وقت ڀرپور نظرن سان نهاري مشڪيو هو. "اهو ممڪن نہ آهي پر —— ٿو مونکي جيڪي ڪجهہ ڏنو آهي، اهو منهنجي سمرتين جو امٽ خزانو رهندو، منهنجي جيون جو پويتر حصو —— مان آڀاري آهيان" ۽ هن پنهنجو ٻيو هٿ بہ منهنجي هٿن ۾ بند ٿيل پنهنجي هٿ تي رکي ڇڏيو هو.

بوٽنگ ڪندي هوءَ منهنجي سامهون ويٺي. پنج ڇهہ گيت لڳاتار هن ٿي ٻڌايا. مسز گرگ، هنجي هڪ ساهيڙيءَ اڙدو غزل ڳائي ٻڌايو. مون ڪي زور ڀريائين تہ اهو ساڳيو سنڌي گيت ٻڌايان. وچ ۾ جڏهن ٻيڙي، هوا جي هڪ زوردار جهونڪي ڪري، تيزيءَ سان لڏڻ لڳي هئي، تڏهن هن چيو هو تہ ڪيترو نہ سٺو ٿئي، جي هيءَ ٻيڙي اونڌي ٿي پوي، اسين سڀ گڏجي ٻڏي وڃون. اڙدو غزل واري ساهيڙي اٿي خوب گهٻرائجي، هن کي ذري گهٽ چنبڙي پيئي هئي. پر مون مارڪ ڪيو شاردا جو چهرو ان وقت ٻهڪي رهيو هو.

۽ ان بعد، الوداعي پارٽيءَ ۾ هڪ مهيني جي جوڙيل رشتن جي سلسلي ۾ ڪي دل سوز نظارا، خط و ڪتابت جاري ڪرڻ جا وعدا. هڪ ٿي ريلوي اسٽيشن تان،

ڀارت جي الڳ الڳ، دور دراز شهرن ڏانهن ڪٺي ويندڙ گاڏين ۾ ورهائجڻ ۽ هڪ اڌ رواجي گفتگو ڪانسواءِ شاردا جو اُهڃاڻ مون.

۽ ان ڪان پوءِ منهنجي اکيان اڄ شاردا جو هي تازو خط ۽ مان، دوريءَ جي ٻيوسي يا ٻيوسي جي دوري!

# بيابان جو هڪ اڏ ونڻ

باٿ روم ۾ ٿي هن ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اڄ ڪنهن مهل هن اهو فيصلو ڪيو هو ته رات جو هو پنهنجي ٻاهرئين وهنوار ۽ هلت چلت تي هڪ دفعو پوريءَ گنڀيرتا سان سوچيندو. هن شايد شام جي آس پاس ئي، ڪنهن وقت اهو ويچار ڪيو هو. ڪيس ياد ڪونه آيو ته ڪهڙي گهڙيءَ ۽ ڪهڙي نقطي تي پهچي هن اهو فيصلو ڪيو هو، ليڪن اهو هن ڪي ترت ئي سمجهي آيو ته ان وقت هن جي دل تي ڪنهن انڻ لکي خوف ۽ لڳاتار ملندڙ ناڪاميءَ جي احساس جو هڪ ڳرو بوجهو هو. پنهنجو پاڻ تي چڙ جو هڪ گهرو ڀاو هن کي بيدرديءَ سان اڄ پورو ڏينهن – شروع کان ئي گهٽي رهيو هو. ان ڪري ئي هن ڪنهن وقت اهو فيصلو ڪيو ته پاڻ اڄ وري نئين سر پاڻ بابت سوچيندو، ايمانداريءَ سان سوچيندو، 'سيلف انئالسس' ڪندو ۽ ڪنهن عملي نتيجي تي پهچندو. آخر هي ڇا آهي؟ هرڪنهن سان هو اڻڪي ڇو ٿو ٿئي؟ هرڪنهن ڏانهن هن جي چڙ، هن جي جهنجهلاهٽ اوچتو اڌئين اگرو روپ

نوڪري ڪرڻ بعد، اتان به مئنيجمينٽ سان جهيڙو ڪري' نڪري ڪجهه وقت بيڪار رهي، هن پي. ڊبليو. ڊي. سي. ڪلارڪ جي روپ ۾ سيڪريٽريٽ اچي وسائي هئي. پر جيئن تيئن ڪري نڀائيندو رهڻ جي عادت مضبوط ڪرڻ ۾ اڃا ڪامياب ڪونه ويو هو. ان ڪري روز ڪجهه نه ڪجهه ڪوڙاڻ کڻي هو گهر موٽندو هو. اها ڪوڙاڻ اڃا به تيز ٿي، سراڻ تي چڙهي، گهاتڪ بڻجندي، گهر جي ڀاتين کي زخمي ڪندي، کيس به نستو ڪري ڇڏيندي هئي.

زندگيءَ بابت هن جو رايو انهن ڇهن پنجن سالن ۾ ڪجهه اهڙو نراسا ڀريو بڻجي ويو هو، جو هن پهريائين جنهن آدرش، خوديءَ ۽ مهتو ـ اڇا وس ٿي اهو ويچار ڪيو هو ته، آس پاس جي پنهنجي ماحول کي، پنهنجي تعلقاتن کي، هن سان وابسته حالتن کي هو پنهنجي اڇا انوسار ٺهڪائي، ڦهڪائي، جهڪائي سگهندو. پر ان آدرش ۽ خوديءَ هن جي حالت هڪ اهڙي قياس جوڳي جيو جيان ڪري ڇڏي هئي، جيڪو پنهنجي سموري شڪتي کوهي، پنهنجي شخصي آزادي وڃائي، هڪ اهڙي قيد ۾ باند ٿي ويو هجي جنهن جون ظاهري ديوارون نظر ڪونه ٿي اچن، ليڪن هو ان گهيري مان ڪيترو به ڇٽپٽائيندي نڪري نه ٿي سگهيو. شعور جي سطح تي هن جي چڙ، هن سڙيل، رشوتخور نظام ڏانهن موت جي حد تائين پهتل سهپ ڀاو ۽ ارٿ ـ هيڻ مصنوعي

تعلقاتن سان پريل سماج ڏانهن، ڪنهن بي آواز چيخ کان وڌيڪ ڪجهه نه رهي هئي.

۽ نتيجي طور اُن ڏنو هو ته هر مورچي تي هن بنا توازن جي خفگيءَ سان شروعات ڪري، انت ۾ سخت چوٽ کاڌي آهي. مثال طور ڪڏهن هو بس ۾ بحث ڪندي ڪنهن سوشل ورڪر سان اٽڪي ٿي پيو ۽ بدلي ۾ حاضرينن جون خفي، ترس سان پريل نگاهون پاڻ تي مرڪوز ٿينديون ڏسي، هڪ مڙهيل ناڪاميءَ جي احساس سان پرجي ٿي ويو.

اچا گذريل آرتوار تي ئي – هن ياد ڪيو – گورنمينٽ ڪالونيءَ جي مسٽر منڊل ۾ هن فلم شو کي وٺي سيڪريٽري مسٽر پريک، جي خود غرضيءَ پري روش ۽ پنهنجي ماڻهن کي وڌيڪ پاسيون ڏيڻي چڏڻ جي ڳالهه، تي خوب چڪري کاڌي هئي. واد وواد ترشيءَ جي عروج تي پهتو هو ۽ پريڪ جي چالبازيءَ واري نمائي گفتار تي خار کائي هو ميٽنگ مان واڪ آئوٽ ڪري آيو ۽ فيصلو ڪيو هئائين ته هو ڪڏهن به ڪنهن به ميڙ ۾ نه ويندو.

۽ ان ڏينهن کان ئي هن جو موڊ خراب هو. ان رات چندرا – سندس پتنيءَ به ڪيس ڊچندي ڊچندي (هن به ڪجهه ڏينهن کان ڊچڻ شروع ڪيو آهي) راءِ ظاهر ڪيو ته هو بيحد چيڙاڪو ۽ رکو ٿيندو ٿو وڃي. ان وقت هن چندرا کي به سوار تي سمجهيو هو ۽ دڪ

ظاهر ڪيو هو ته ڇو ڪيس ڪير به صحيح روپ ۾ نٿو سمجهي سگهي، آخر ڇو؟

پر اڄ شام جو بس ۾ چڙهڻ وقت هن جڏهن ايمانداريءَ سان اهو فيصلو ڪيو هو ته هو 'سيلف انئالسز' ڪندو، پنهنجي وهنوار کي ضابطي ۾ آڻي، جيون کي ارٿ بخشيندو، تڏهن ان وقت بوجو گهٽيو ته ڪونه هو، صرف هڪ تسڪين ان وقت هن جي من ۾ اپريو. پوءِ هينئر هو ايترو هلڪو ڇو آهي؟ ڪجهه اهڙو ضرور ٿيو آهي – هن ياد ڪيو. جيڪو اڻ لکيءَ مٺر سمرتيءَ جي روپ ۾، پڪيل آتما جيان، هن جي حواسن جي دائري کان ٻاهر آهي.

'اوهه' هو هڪدم ڦڙتيءَ سان ڳاهه تي اٿي ويٺو. هن کي ياد اچي ٿي ويو. ڀيرينءَ بس مان لهڻ وقت شام جي ڏنڌلڪي ۾، اسٽئنڊ تي ڪنهن مسڪرائي هن کي ڪڪاريو هو. اڙي ها، هوءَ ريکا هئي، ريکا ٿي ته هئي. چار پنج سال اڳ هن جي وديارٿڻ. مئٽرڪ ۾ هنجي 'فيورٽ اسٽوڊنٽ' هو اتي ٿي سڀ ڪجهه ڀلجي کي مٽ هن سان بيهي رهيو هو.

ريکا کيس چيو هو، "ڇو، توهين اسان جي گهر نٿا اچو؟"

تڏهن هن چيو هو، "تون، اڇا به مونکي سڃاڻين سگهين ٿي ريکا؟"

"واهه، توهان کي ڪيئن نه سڃاڻنديس، توهان ٿي

دل ڪنور ٻڌائي ڇڏي آهي. انجام ڪريو ھن آرتوار
تي منھنجي گهر ضرور ايندا. ممي توھان کي ڏاڍو ياد
ڪندي آهي.“ وغيره، وغيره.

ھو بيحد ھلڪو ٿي آيو ھو. ۽ ساڳئي وقت ڪجھ،
سنو، مڏر ھن ۾ پرجي آيو ھو. پيءُ بس ۾ چڙھڻ تائين
ھو ڪوھيو ڪوھيو رھيو ھو.

۽ ھو ھڪدم گاھ، ٿان اٿي ھلڻ ٿو لڳي. ھن سوچيو
ڪافي دير ٿي ويئي آهي. چندرا ھن جو انتظار ڪندي
ھوندي، پريھن وڏي بيموءَ جو ’برٿ ڊي‘ ٻه ته آهي ان
لاءِ تياري ڪرڻي پوندي ۽ ’سياف آڏمالسز‘ جو ويچار
ھن في الحال لاھي ڇڏيو.

# زندگي ۽ ڪئڪٽس

گذريل پندرهن ڏينهن کان هو ان بابت سوچي رهيو هو، شايد ان کان به گهڻو اڳ ۽ اڄ اسڪول کان موٽندي ’فارم‘ مان نانگ ڦڻي ڪئڪٽس جو هڪ ٻوٽو جيڪو هن اتي موجود سڀني قسمن ۾ وڌيڪ پسند ڪيو، وٺي آيو هو. رستي تي، گهر پهچڻ کان اڳ هن جي من ۾ ڪجهه سنڪسوچ پرجي ويو. هن ڪئڪٽس جي ٻوٽي سان گهر ۾ گهڙڻ وقت ڪنهن سان به سامهون ٿيڻ جي اسٽيءَ کي ٽارڻ چاهيو، ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ هو جنهن وقت گهر ۾ داخل ٿئي، تنهن وقت پنهنجي زال جو سامهون ڪرڻ ته هن هرگز نٿي چاهيو. سڄو وقت انهيءَ اسٽيءَ جي ٽري وڃڻ جون، ٽاري وڃڻ جون ڪي سمپاوناٿون به سوچي ورتيون هيون. هن چاهيو هو ته گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت ۽ ان کان پوءِ جا صرف پنج ڏهه منٽ هنجا پنهنجا هجن، ان بعد هو ڳالهه کي سنڀالي وٺندو. ان لاءِ هن سچوئيشن ۽ ڪئڪٽس ٻاڻ رکڻ جي جاءِ ته اڳ ئي سوچي ڇڏي هئي. هن جي ڪمري ۾ سندس ڪٽ پرسان ڪنڊ ۾ هڪ ٽپائي،

ڪجهہ ڏينهن تيا، نهڪائي رکي هيائين، جنهن تي في الحال هن پنهنجي فوٽي وارو فريم اسٽئنڊ ۽ ٻہ چار مخزنون رکي ڇڏيون هيون. ليڪن هن جي اصلي رٿا ٻي هئي، يعني اها، جيڪا گذريل ڪجهہ ڏينهن کان هو سوچي رهيو هو ۽ من ئي من کي ان آڪار ڏيئي رهيو هو تہ پوري ڪمري جي سيٽنگ ۾ اهو ڪئڪٽس جو ٻوٽو هو ڪهڙن ۽ ڪٿي رکندو.

۽ سچ پچ جنهن وقت هو گهر پهتو، سائيڪل واراندي ۾ ڀت سان ٽڪائي، جڏن اندر گهڙيو تہ صرف سندس ٻار ئي راند ڪري رهيا هئا. هن ٽڪڙو ٽڪڙو هڪ سک جو ساهہ پٽيو ۽ ڪپڙن مٽائي، هٿ منهن ڌوئي کان اڳ هن اهو ٻوٽو اڳواٽ سوچي ڇڏيل رٿا انوسار ان ٽپائيءَ تي اهڙيءَ طرح سجائي رکي ڇڏيو، جيئن تہ اهو مدت کان اتي ئي رکيل هو ۽ جيئن تہ انهي رواجي تبديل سان (ٻين جي نظرن ۾) ڪمري جي سيٽ ـ اپ ۾ ڪوبہ ڦيرو نہ آيو هو يا آيو هو تہ ان تي ڪنهن کي بہ عجب نٿو لڳي سگهي، پوءِ هن هڪ پل ٻيهي ڪمري جي سجاوٽ تي سرسري نظر وڌي ۽ ڪئڪٽس جي ڪري ان ڪمري ۾ جيڪا پورٽتا هن جي اکين انيو ڪئي، تنهن کيس ڪافي سک ڏنو. ان بعد نشچنت تي هو ڪپڙا مٽائي ۽ هٿ منهن ڌوئڻ هليو ويو.

در اصل پنهنجي انهيءَ ڪمري جي سجاوٽ بابت

آرٽوار ٽي يا موڪلن ۾ هو گهڻو وقت انهي ڪمري جي اونداهه فضا ۾ يا ته سمهي گذاريندو هو يا ته ڏينهن جو ٽيبل لئمپ ٻاري ڪونه ڪو ڪتاب پڙهندو رهندو هو.

نه رڳو ايترو بلڪ هن جي هلت چلت، ويچار وهنوار ۾ به هڪ قسم جو ماڊرن پڻو اچي ويو آهي. اسڪول جي اسٽاف روم ۾ ريسس وقت فري پيريڊن ۾ پنهنجي ساٿين سان ڪلا جي نون قدرن، ماڊرن آرٽ ۽ سونهن جي بدليل احساس تي هو ڪافي اصليت سان بحث مباحثه ڪري سگهندو آهي ۽ ڏيري ڏيري ڪيس اهو پڪو وشواس ٿيڻ لڳو آهي ته ٻين ماستر ماسترائين تي هن جي ناليج جو رعب ڇانيل آهي ۽ هو ڪيس ان وشه ۾ اٿارٽي ڪري مڃڻ لڳا آهن. اڄا انهي ڏينهن ريسس ۾ ڪنهن انگريزي فلم تي بحث ڇڙندي جڏهن مس سيٺي چيو هو "اڄ جو ليٽيسٽ ڊانس ٽوسٽ آهي." تڏهن هن هلڪو ٽهڪ ڏيندي نوڙت سان رد قد ڏنو هو—"نه، مس سيٺي! توهين پلجو ٿا، ٽوسٽ ته هن وقت بلڪل آئوٽ آف ڊيٽ ٿي ويو آهي. اڄ جو تازه ترر ڊانس ته 'شيڪ' آهي."

ان وقت سيٺي جي اکين ۾ انسڪتاجاڳي هئي ۽ هن چاٺي بجهي گنڀير چهرو بڻائي شيڪ ڊانس جون وصفون ۽ خوبيون بڌايون هيون ۽ سيٺي هن جي ليٽيسٽ چاڻ تي هن کي داد ڏنو هو.

يا تنهن ڏينهن ڊرائينگ ٽيچر مسٽر مهتا کان مسٽر حڪيم پڪاسو جي چترڪلا بابت پڇي رهيو هو تڏهن وچ ۾ دخل ڏيندي هن ٻڌايو ته پڪاسو جا چتر هاڻ پراڻا ٿيڄي چڪا آهن ۽ وان گاگ، ڪرشن هيبار ۽ حسين جا چتر ئي اڄ جي جيون کي اظهار ڏيئي سگهيا آهن. ان لاءِ هن ڪرشن هيبار جو ڪو چتر به ڪين ڏيکاريو هو، جنهنجو ارٿ سمجهڻ کان نه فقط مسٽر حڪيم قاصر رهيو بلڪ ويچاري مهتا به لاچاري ڏيکاري هئي. ان طرح جون هن ٻيون به ڪيتريون ڳالهيون پاڻ بابت ڦهلايون هيون، جيڪي هن جي سمجهه موجب هن جي ساڀرن هجڻ جو چڱو چوکو ثبوت هيون. مثلاً هن اهو مشهور ڪيو هو ته پاڻ صبح جو اٿڻ وقت پهرين بستري ۾ ئي 'بيڊ ٽي' وٺندو آهي ۽ پوءِ ٻيا ڪم ڪاريون. يا هو هر ٻئي آرتوار تي 'ڊنر' ڪوالٽيءَ ۾ ڪندو آهي. يا 'ڪاما ڊانس ڪلب' ۾ سندس دوست مئنيجر آهي ۽ پاڻ اڪثر اتي ويندو آهي ۽ اهڙيون ٻيون انيڪ ڳالهيون هو ليڊي ٽيچرس سان، خاص ڪري مس سيٺيءَ سان انگريزي فلمن ۽ ساهت تي بحث ڪرڻ چاهيندو آهي، ڪندو آهي ۽ پوءِ پاڻ کي 'بور' ٿيل ظاهر ڪندو آهي.

ان ڏينهن جڏهن مسٽر حڪيم اوچند هن کان سوال ڪيو ”مسٽر پنجابي، اهو ته ٻڌايو ته هي جو اڄڪلهه بنگلن ۾ ڊرائينگ رومس يا بيڊ رومس ۾ گلاب، ڪمل وغيره جي گلدستن بجاءِ ڪنڊن وارا ڪئڪٽس رکيا

تا وچن، ان ۾ وري کهڙو مادرزم سمايل آهي؟"

تڏهن هڪ دفعو ته ويٺل سيٺي شخص جي وات مان ٽهڪ نڪري ويا هئا ۽ هن کي پل لاءِ پاڻ کي ان لاءِ اپراڌي سمجهيو هو. پر هن ڏنو هو ته مسٽر حڪيم جي چهري تي سچ پچ گنڀيرتا ڇانيل هئي ۽ اکين ۾ خالص سوال اٽڪيل هو، تڏهن هن ڪجهه نرمي جواب ڏنو: "اڄ جي زندگي ڪنڊڪنس جي ٻوٽي کان ڇا ۾ گهٽ آهي؟ هرهنڌ ڪنڊا، هرهنڌ ڪنڊيون، هڪ اڻ گهڙيل ۽ بي ڍولو جيون، پوءِ به ڏسو ڪيئن نه نرلڄائيءَ سان وڌندو ٿو رهي، ڪنڊڪنس جيان، ڪنڊڪنس اڄ جي زندگيءَ جو 'سمبل' آهي."

هن جي سمجهاڻيءَ سيٺي جي چهري تان بناوت جا تهه لاهي ڇڏيا هئا، انهن جي ننگائپ ڪجهه وقت لاءِ ظاهر ٿي، وري انهن چهري پنهنجيان ڍڪجي ويئي هئي.

"ليڪن انڪري گلاب کان نفرت ڇو؟" مس سيٺيءَ شنڪا ظاهر ڪئي، "گلاب جي سونهن ۽ ڪوملتا ان ڪري پاڻ وڏيڪ وڻي گهرجي مسٽر پنجابي!" ۽ هوءَ ڦڪو ڪلي واري سان سيٺي ڏانهن نهارڻ لڳي.

هن سانت لهجي ۾ جواب ڏنو: "نه ائين نه آهي مس سيٺي! انسان هميشه پنهنجي ڀاونائن جو عڪس ٿي پنهنجي آسپاس جي پرڪرتي ۽ شوق جي چيزن تي مڙهڻ چاهيندو آهي. اڄ گلاب جي نزاڪت، مخصوص آڪار ۽ ڪومل خوشبوءِ ڪٿي رهي آهي؟ مشيني سيٽا

زندگيءَ جي ڇھري کي بگاڙي ڇڏيو آھي ان ۾ ڪنبڻ
دار گھراڻ پري ڇڏي آھي، تڏھن به ھي جيون ڪنڪنس
جھان بنا پاڻيءَ بنا پاڻ وڌندو ٿو رھي. انڪري——"
۽ ھن جو ساھ تيزيءَ سان کڄڻ لڳو ھو، پوءِ بحث
گھٽو وڌي ويو ھو ۽ ھن جي ويچارن جا پاڇا سڀني
جي چھرن تي ڏڏي رھيا ھئا، جن کي ھو ڪڏھن
مذاق ڪڏھن رد قد ۾ ميسارڻ جي ڪوشش ۾ لڳل ھئا.
تڏھن وچ ۾ مسٽر حڪيم ذرا گستاخ لھجي ۾ ھڪ
شخصي سوال پڇي ورتو ھو، "چا، توھانجي ڊرائينگ
روم ۾ به ڪنڪنس جو بوٽو رکيل آھي؟" ۽ ان وقت
ھو چاھيندي به ڪوڙ نه ڳالھائي سگھيو ھو.

۽ تڏھن کان ئي ھن پنھنجي رتا کي عملي بڻائڻ
جو سوچڻ شروع ڪيو ھو.

ھا، گلاب ۽ ڪنڪنس ۾ بنيادي فرق آھي، ھن
سوچيو ھو. ھنجي زال به ته ڪنھن وقت گلاب جو گل
ھئي. جڏھن ڇھ سال اڳ ھن شادي ڪئي ھئي تڏھن
پھرينءَ سٽنھن تي ھن جو گھرو دوست موھن به گھر
آيو ھو ۽ ھنن ٽنھي گڏجي پٽي راند ڪئي ھئي ۽ موھن
ھن کي چيو ھو ته ھو سچ پچ بيحد خوشسمت آھي،
ھن جي زال گلاب جي گل مثل آھي ۽ ان لاءِ ھن
کيس دل کولي واڌايون ڏنيون ھيون. پر پوءِ انھن ڇھن
سالن جي عرصي ۾ ئي ٽن ٻارن کي جنم ڏيئي اھو گلاب
جو گل ڪومائجي ويو ھو، ڦڪو ۽ بي رنگ پنجي

ويو هو. هن کي اهو به ياد آيو ته انهن شروعاتي ڏينهن ۾ هن گهر جي اڱڻ ۾ گلاب جو ٻوٽو لڳايو هو. جنهن تي ڪافي محنت ڪرڻ ڪانپوءِ رکي رکي به ٽي ننڍا گل ڦٽا هئا ۽ تنهن بعد هڪ ڏينهن ان کي ٻاڪري واري جي ٻڪري کائي ويئي هئي ۽ هن آس لاهي ڇڏي هئي. هن جي زال به بيماريءَ جو شڪار ٿي، مرجهائجي رهي هئي ۽ زندگيءَ جي زمين کان نراس ٿي، هستي برقرار رکڻ خاطر ڪنڊن وارو ڪنڊڪنس ٻڻجي، هنڪي هر وقت چڀي رهي هئي، هن تي غصو ڪري رهي هئي، هن جي نوڪري، عادتن تي طنز ڪري هن کي ڦٽي رهي هئي ۽ ان ريت بنا پاڻيءَ بنان ڀاڻ جي، جيون رس ٽڪائي سگهي هئي، تڏهن هن جو ڌيان لڳاتار ڪنڊڪنس ۾ سندرتا ڳولهي رهيو هو.

——

# پورٽريٽ هڪ پيءُ جو

ان ڏينهن منهنجي دوست رميش ڇڳاڻيءَ جي ڏاڏي جون پڳڙيون هيون. اتي پهچڻ کان اڳ منهنجي اندر هڪ هلڪي آشا اڀري هئي، يا پڪ هئي ته اتي مونکي پنهنجو پاڻ کي تسڪين ڏيڻ لاءِ اخلاقي پٺڀرائي ملي ويندي. ڇو ته دوست رميش منهنجي نظر ۾ نه رڳو تعليم يافته جوان آهي، بلڪ- جنهن مون هن بابت وقت گذرندي رايو جوڙيو آهي. آزاد طبع ۽ نون ويچارن جو شخص آهي. اصل ۾ مون هو اندر ۾ اڳي ئي سوچي ڇڏيو هو ته ڏسان رميش ساڳيءَ حالت ۾ ڇا ٿو ڪري مونکي، الائي ڇو، ان وقت ائين لڳو هو ته هو به ضرور مون جيان ئي ڪندو، هن جو رويو به ساڳيو ئي رهندو. ۽ اهڙو موقعو ترت ئي- ڇهن پنجن مهنن ۾ ئي آيو، ان تي مونکي ڪافي خوشي ٿي هئي. رميش جي ڏاڏي جي سرڳ پڌارڻ جي خبر مونکي ڪنهن گهٽگهري ۾ ڏينهن اڳ، فون تي ڏني، تڏهن مون اتي ئي فيصلو ڪيو هو ته پڳڙين تي ضرور ويندس. هونئن دل ته ارٿيءَ سان وڃڻ جي هئي، نه انڪري ته ڪو مان ان قسم

نه ڪيو هو. سڀ ٻيءَ شايد ڏي ايترو ڪندا هوندا. ماءُ چوندي آهي ته تو جڏهن ٻه، ٽيهڙ ڪان وٺي ڪو ضد ڪيو، پڙهڻ اهو پورو ڪندو هو. خاص ڪري بيماريءَ جي ڏينهن ۾ تنهنجي بستري تي رهڻ جا ڍير هوندا هئا. (شايد ان ڪري ٿي مان ننڍپڻ ۾ اڪثر بيمار رهندو هوس) منهنجي ماءُ اهي ڳالهيون ۽ اهڙيون ٻيون انيڪ ڳالهيون اڳ به ٻڌايون هيون ۽ هاڻي به، منهنجي پتا جي ديهانت بعد به، ٻڌائيندي آهي. پر هاڻي هنجي چوڻ جو لهجو البت 'ٽرئجڪ' هوندو آهي. حالانڪ اهو مونکي چٽي چڙڻ ڪپي ته سڀ ضد پورا ڪرڻ پٺيان اجائي اوچي ڪلپنا ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. جڏهن کان مان سچيءَ معنيٰ ۾ ضد ڪرڻ جهڙو ٿيو آهيان، تڏهن 'انهن ضدن' جي نسبت ۾ منهنجي پيءُ جي رواجي آرٿڪ حالت وڏيڪ سچائي رهي آهي. ته به سراسري طور مونکي پيءُ لاءِ اڄ به عزت آهي. مون چاهيو هو، جئن هرڪو صالح اولاد چاهيندو آهي (يا چوندو آهي) ته پڙهي لکي، وڏي نوڪري هٿ ڪري ماءُ پيءُ کي پوئين وقت ۾ سکي رکندس. ان ڪري دک آهي جو مونکي گهربل وقت نه ملي سگهيو. جيتوڻيڪ ان احساس کان به انڪار نٿو ڪرڻ چاهيان ته چاهي هو وڏيڪ وقت جيئرو هجي ها، ته به مان کيس سک نه ڏيئي سگهان ها. ڪنهن کي سک ڏيئي سگهڻ جي ڳالهه تي منهنجو وشواس ئي نه رهيو آهي.

پهتا. مون پاڙي واري جي مدد سان حجم جي دوڪان تي موڪلي ٻٻوءَ جا وار ٺهرائي ڇڏيا. پوءِ مون ڏٺو: باقي ڪم آيل ماڻڻ ڪرڻ ۾ جنبي ويا هئا. سر لاءِ ڍنڍورو ڏيارڻ، ڪاڻيءَ جو سامان، ٻاهر ويهڻ لاءِ فراس وغيره ڪيئن نه تڪڙو تڪڙو ميسر ٿي ويا، ان تي مونکي عجب لڳو هو. هرڪو جلد از جلد ڪم اڪلائي، دور دور پنهنجي نوڪري يا ڌنڌي تي رسڻ لاءِ اناولو ٿي رهيو هو. ان وچ ۾ اندر منهنجي ماءُ کي ڪيئن نه خبر ملي ته مون وار ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي، تڏهن هن اندران ئي هڪ زوردار ڇيخ ڪندي، ڇڙ آيل پنهنجن کي للڪاريو هو "تڏهن، ادا، مونکي ئي وٺي هلي، منهنجي سينڌ ڪوڙايو.. هن نالائق کي ته شرم به نٿو اچي."

ان وقت مان اندر ئي اندر ڇڙ ڪنجي ويو هوس. پهريون ئي دفعو ڪٿي وڃي منهن لڪائڻ جو ويچار آيو. پوريءَ طرح ڇٽي نٿو سگهان ته پوءِ به ڪيئن نراجائيءَ سان، ايترن ماڻهن جي وچ ۾، مان وار ڏيڻ کان بچي ويو هوس- پر ان گهڙيءَ منهنجي همدردن، ماڻٽن ۽ گهٽگهرن ۾ مونکي گهڻو بدنام ڪيو هو، ان جو شدت ڀريو احساس، نه چاهيندي به گهڻو وقت گناهه جي روپ ۾ حاوي رهيو.

خاص ڪري ٽئين ڏينهن سه پڳڙين جي ڏينهن- ان اگري احساس مونکي خوب پيڙهيو هو، حالانڪ مون

ڪڏهن ڏٺو به ڪونه هو، جتر اتي لٽڪي رهيو هو.

مون نه صرف ترت ئي اهو جتر اتان لاهي تاڪ تي ٽنگي ڪري ڇڏيو، ليڪن جلد ئي ان جڳهه تي، پنهنجي مرڳواسي پيءُ جو آڏل - جتر لٽڪائڻ جو فيصلو ڪيو. مان ان لاءِ قرض کڻڻ لاءِ به تيار هوس. مون سوچيو ايترو ته مونکي ڪرڻ ئي کپي منهنجو پيءُ منهنجي معرفت پنهنجي دبيل اڇا پوري ڪرڻ لاءِ ڪاڻم جي پوري رقم خرچ ڪري ٿي سگهيو. تڏهن مان هڪ اپناڻجهڙ اسٽتيءَ مان بچڻ لاءِ، پنجاهه سٺ روپيه قرض به تم کڻان، اهو سراسر ڏوکو آهي.

۽ ان ڏينهن، جڏهن اهو آڏل - جتر مون گهر آندو هو ۽ ان خالي جڳهه تي اهو لڳايو هو. مٿان خاص ٻن روپين وارو ريشم جو هار لٽڪايو هو، تڏهن منهنجي ماءُ جي اکين ۾، ٻهريور دفعو هڪ انوکي پيڙا پري، ساڳئي وقت پرسڪون چمڪ اڀري هئي. ان وقت وري منهنجي من ۾ اهو ساڳيو ويچار اڀريو: ڪاش! اڄ منهنجو پيءُ جيئرو هجي ها.

# آتم هتيا

اصل ان طرح جي، جنهن سهوليت ۽ شانتيءَ سان هن چاهي ٿي، هن کي ڪاميابي آخر ملي ويئي. هو ڪمري ۾ گهڙيو، ان وقت سج پورو لهي چڪو هو. ڪمرو هلڪي انڌڪار جي قبضي ۾ هو ۽ هو به ان وقت ٻاهر دالان ۾ ڪلنڊر دريءَ ڪان پري ڪنڊ ۾ ليٽي پيو هو. آرام ڪرسيءَ تي. هن جو ڪاٻو هٿ ڇاتيءَ تي اونڌي کليل ڪتاب سان آڱوٺي ۽ آڱرين سان ائين اٽڪيل هو، جنهن مان هن ترت سمجهي ورتو ته پڙهندي پڙهندي ننڊ کيس وٺي ويئي اٿس. هن کي جهڪي اهو ڏسڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي ته سچ پچ هو سمهي رهيو آهي يا نه. ڪيس اها چڱي پڪ ڏني هئي، نه ته هو ضرور ڪيس ڪيڪاري ها يا ٻيءَ حالت ۾ ٿهڪ ڏئي ها. ڪنڊ وارو شيڊ-لئمپ به شانت هو. هڪ اڌ پل هو منجهيو ته اڄ هو صوفا تي ڇو نه آهي. آرام ڪرسي هو ورلي ڪم آڻيندو آهي- اڪثر نه جهڙي. پر اهو ٺيڪ آهي. ڪيس اهوئي ته کپندو هو. صوفا تي تڪليف ٿئي ها يا پوءِ اهو شايد نه ڪري سگهي ها ڇو ته پوءِ صوفا ڪيس

ڪڏي واچ ۾ ٽائيم ڏسڻ جو ويچار آيو. ليڪن ياد آيو ته ان پاڻهن ٽي مالتي مزي سان ننڊ ڪري رهي آهي اها پاڻهن مالتيءَ جي گردن واري خم جي هيٺان لنگهي ٻانگ جي ٻئي پاسي سڌي پيئي آهي.

”ٽر....نڪ، ٽرنڪ“ ڪال بيل جو آواز آنم و سمرتيءَ جي ننڊاڪڙي خمار ۾ ڪير آهي اهو خلل وجهڻ وارو! رات اڌ ڪان وڌيڪ گذري چڪي هوندي. ٽائم پيس جي ”ٽڪ ٽڪ“ ڏيان ڇڪائي ٿي. اٿان وقت جي خبر پوي شايد، ڪجهه ورائي انوماں موجب ان. ”ٽڪ ٽڪ“ طرف نهارڻ چاهيان ٿو. پر اونده ۾ ڪجهه نٿو ڏسجي، صرف ”ٽڪ ٽڪ“. ڪاش رکو ”ٽڪ ٽڪ“ ٻڌڻ سان ٽائيم ڄاڻي سگهجي! مطلب ته سائنس کي اڃا گهڻو ڪرڻ لاءِ پيو آهي ۽ نيستائين مونکي به پاڻهن مالتيءَ جي هيٺان ڪڍڻي ٿي پوندي.

”ٽر...ن....ڪ، ٽرنڪ“ ڪير آهي اهو ڪمبخت هن وقت! هن سگد پلاوي مان ڪير جاڳائي رهيو آهي مونکي. اندرئين وويڪ جو سڏ به جيڪر اهڙي وقت اٺ ٻڌو ڪري ڇڏي ڪوئي! ڪيڏو نه آنند آهي هن مدهوشيءَ ۾، مالتيءَ سان گڏ سمهيو رهڻ ۾! اوهه، هڪ پنجٽيهه، رسٽ واچ جا ڪانٽا ريڊيم جي ٽپڪن ڏانهن ٽمڪي ٽمڪي اشارا ڪري رهيا آهن. ڪنهن پلجي ويل دنيا جي ياد ڏيارڻ ۾ لڳاتار ڪوشش ڪندي سمهي رهيا آهن ڄڻ.

”ڏ...ر...ڏ...ڪ“... اوف، او!

گرم بستري مان لاچار نڪري اونده، مان عادي قدمن سان گذرندي دروازو کوليان ٿو...؟!...؟ ”اڙي اس، تون؟ ڪمبخت تون؟ هن مهل؟“

”ها، هن مهل حرامي، پهرين سامان ته ڪٺاهه ڏسين نٿو بار هيٺ دبجي رهيو آهيان، زال جي بغل ۾ سمائجي، ٻچو، وساري ويٺو آهين سڀ ڪجهه.“

هن کان اڳڀجي ورتم ۽ هن لاءِ اندر داخل ٿيڻ جو رستو ڏاهيم، ٻاهر ڏسان ٿو ته هڪ بيڊنگ به آهي.

”هي ڪو وقت آهي ڪنهن گرهستي جيو کي جاڳائڻ جو، ڪنهن هوٽل ۾ نرمي صبح جو اچين ها بيشرم!“

”تو کي جاڳائڻ جو هي سڀ کان بهتر وقت آهي.“

۽ ان سان گڏ امر جي خوفناڪ کل گونججي اونده جي شانت سمهيل پردن کي لرزائي ۽ جاڳائي ڇڏي. ان ڪري ٻئي ٻاري گهٽ ۾ گهٽ اندرئين ڪمري جي اونده، کي انهيءَ ظلم کان بچائي ٿو وٺان.

”ذرا، آهستي يار، اندر مالتي ۽ ٻيئي سمهيل آهن.“

مون جنسي هن جي وات تي هٿ رکي، هن جي ٽهڪن جو وهڪرو روڪڻ چاهيو، پر امر جي ٽهڪن جو وهڪرو روڪڻ ڇا سولو آهي؟ هن جا ٽهڪ، هن جون ڳالهيون، خود هن جو سمورو وجود منهنجي جيون جي هلندڙ سلسلي کي هيٺ مٿي ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي- انڪري نديڻ، پوءِ اسڪول ۽ ڪاليج جي هن پنهنجي جاني دوست کان،

مون ۾ري پڇڻ جو پتن ڪيو آهي، تڏهن ڪان، جڏهن ڪان، مون جيون جو "عملي" حصو شروع ڪيو آهي، ڇو جو امر اهو نہ ڪري سگهيو آهي ۽ پڪ آهي ڪري بہ ڪونہ سگهندو. ڪاليج ڪان وٺي آدرشي ۽ انقلابي جيون گهاريندڙ امر، هرهنڌ اڪيلو رهيو آهي. مست، خانہ بدوش امر، سماجڪ بندوبستن ۾ ڪٿي بہ "فٽ" نہ ٿيندڙ امر! هن جو جيون مونکي پنهنجي "عملي" جيون جي نسبت ۾ هميشه اشانت ڪري ويندو آهي. هن سان چٽاپيٽيءَ جي سطح تي بهڪي مان سڀ غلط ڪرڻ لڳندو آهيان ۽ امر جي "نج" وحشيانت پروان چڙهي، مونکي ڪٽڻ شروع ڪندي آهي ۽ منهنجو "سلسلو" سهڪڻ لڳندو آهي.

وڌ ۾ وڌ ان جو اثر مالتي ۽ ريٽا بيبيءَ تي پوندو آهي. منهنجي گهر جي هر شيءِ تي پوندو آهي. هن جي موجودگيءَ ۾ منهنجي گهر جي هر "آرٽ" کي نوان حوالا ملي ويندا آهن ۽ منهنجو "ريسپانس" خود مونکي ڪلڻ هاب لڳندو آهي. ۽ سان پاڻ ڪان ڪجهہ وڌيڪ اميد ڪرڻ لڳندو آهيان. پنهنجي اوقات ڪان وڌيڪ ڪم وٺندي مان "امر" ۽ پنهنجي گهر جي وچ واري ڪاهيءَ ۾ رانجهپڻي ڪري پوندو آهيان.

"سو، تو مونکي سچائي ورتو نہ. سٺو آهي، اچا ڏوري وڌيڪ ڪوشش ڪر." امر صوفا تي سگريٽ مان گول ڇلا ڪڍي رهيو آهي.

دروازي تي مالتي اکيون مهتي اسان ٻنهي ڏانهن نهاري رهي آهي امر ”نمستي پاپي“ جهڙيءَ مدرا ۾ هن طرف مخاطب آهي ۽ مونکي مالتي هڪ نفرت آميز چيز لڳي رهي آهي.

امر جي چهري جي رونق وڌي رهي آهي.

مالتيءَ جو وجود ٽڪرو ٽڪرو ڪنبڻ ۾ بدلجي رهيو آهي.

۽ مان؟ مان ان وچ ۾ وڌندڙ کاهيءَ ۾ پٽڙاڻجندو نو رهان.

... ... ... ...

مالتيءَ کي هن اپنائي ورتو ته ڄڻ دنيا هن کي اپنائي ورتو. مالتيءَ کي ٻهردن انهيءَ تبديل تي ٿوري حيرت لڳي، پر پوءِ ”وقت ڇگن ڇگن کي سڌاري ڇڏيندو آهي.“ جي چوڻيءَ کي سچو ثابت ٿيندو ڏسي پيگوان جا لک لک شڪرانا مڃڻ لڳي. بابا اوتار سنگهه جي سنڌيا– پرارٿنا ۾ هاڻي سچو ڪتمب نهايت قيمتي ۽ خوشبوءِدار اگربتين جو استعمال ڪرڻ لڳو. فرق، هڪڙو مالتيءَ اينديشي محسوس ڪيو، ۽ جنهن تي هن کي سخت اعتراض وٺڻ تي دل ٿي. پر پوءِ سمجهو ۽ پتورت ناري جيان ان تي پاڻ کي خوشيءَ هيرائي ڇڏيائين انهي پاڻ هيرائڻ ۾ مالتيءَ جي سمجهداري ۽ پتورت پڻي سان کهڙي خاصيت وڏيڪ پارت ادا ڪيو. اهو چئي سگهڻ ڪنهن لاءِ به ممڪن نه آهي.

جي آشيرواد ۽ ايشور جي هستيءَ ۾ پڪو يقين قائم رکندو اچڻ جي صلاح ملندي رهندي آهي: ”ڪرڻ ڪرائڻ وارو سڀ ايشور آهي پٽ! انسان ته صرف هن جي ڏوري ۾ ٻڌل پتلو آهي.“

انسان روپي ان پتلي کان هڪ ڏينهن وري اوچتو ننڍي غلطي ٿي ويئي. يا هن محسوس ڪيو ته اها غلطي آهي. (پتلو به ڪڏهن محسوس ڪندو آهي ڇا. يا محسوس ڪرڻ جو هن کي حق ملي گهرجي ڇا؟) مالتيءَ جي پتيءَ کي محسوس ٿيو ته سوچ جو ڪيڙو وري هن ۾ سرڻ لڳو آهي. نه، هو نه صرف پتلو آهي ۽ هن کي صرف عمل ڪرڻو آهي. آفيس کان پنهنجي شاندار ”لئمبريٽا“ تي گهر موٽندي هن محسوس ڪيو ته هن غلطي ڪئي آهي. ”باس“ بيحد رواجي فرمائش ڪئي ته ڪئي هئي. اڪثر ڪندو رهندو آهي ۽ هن هر وقت عمل پئي ڪيو آهي. ڇا ٿئي ها، جي اڄ هو پنهنجي سرلا سان شاپنگ ۽ پڪچر جي پروگرام کي مهمل ڪري ها. باس جڏهن چيو ”اڄ شام جو مالتي ديويءَ کي، منهنجو مطلب آهي ته توهان جي سرلا ديويءَ کي ذرا منهنجي گهر ته موڪلجو، تڏهن هو ”هين هين“ ۽ ها، ها چوڻ ڪري سگهيو! ”اڄ هوءَ نه اينديءَ. ڪڏهن به نه ايندي.“ هن اهو ”باس“ کي ڪيئن چيو؟ ڇو چيو؟ ضرور ڪٿي گڙٻڙ ٿي آهي.

۽ هن کي هڪدم امر جو خيال آيو. عرصي بعد

۽ چشمي هيٺان اکيون کيس گهوري رهيون هيون. هو وڏيک برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ زور سان هن ڇري جا ٽي وار ڪيا: ۾، اکين ۾ ۽ ٽيون بند ٽيل ڇپن تي. هن کي عجب لڳو تہ هن دفعي اکين مان ۽ وات مان خون جا ڦوهارا ڇٽي نڪتا. هن ظئي ڪيو تہ هو ڏيستائين اٽي ٽرندو جيستائين اهي ڦوهارا بند نہ ٿيا آهن.

# لئمپ پوسٽ جي روشنيءَ ۾

ٽڏيءَ نوڪدار ھوا مونکي پٺيان ڇرو ھنيو ۽ برساتي پاليءَ جي ٽڏي آلي ميدان تي ڪٺي سٽيو. ھوا منھنجو چھرو تازي چاول گاھ سان سھلائڻ لڳي. آھي تنھنجون چميون ھيون. مونکي تنھنجي گھٽيءَ ۾ اڻين چڪر نہ مارڻ کپندا ھئا. پر مان جڏھن ٻہٽ اڪيلو ھوندو آھيان، اِئين ڪرڻ، منھنجي گھٽين ڪمزورين مان، ھڪ ھوندي آھي. پر مونکي اکيون ڪٺي سامھون نھارڻ نہ کپندو ھو؛ جوڙو اٿي ھو. ٻنھ. اکين جـي سڏائيءَ ۾، لئمپ پوسٽ جي روشنيءَ ۾ حي گھيري ۾. ھن جي ريڻ ڪوٽ جو ڪالر مٿي چڙھيل ھو، اِن ڪري مان ھن کي سڃاڻي نہ سگھيس، ليڪن ھوءَ ظاھر ھئي. ھـن جو ھڪ ھٿ ھيٺ لٽڪي رھيو ھو. رکو ھن جي وارن مان ٿي ھن کي سڃاڻي ورتم. (ھـونئن رواجـي طـرح اُنھن وارن جـي خوشبوءِ ۾ سڃاڻپ لاءِ ڪافي ٿئي ھا.) منھنجي ساڄي ٻانھن غير معمولي نموني وڏي ٿي ويئي. ٻنھي لاءِ ھڪ ئي ڏڪ - مغز وارو - ۽ ھڪ ڏڪ لئمپ پوسٽ جـي پرندڙ ٻاب لاءِ. ٻيءَ طرح روشني خود ۾ برسات جـو

جي قبر تي روشنين جا گل چڙهي رهيا هئا ته اتي مان بلڪل بي وس هوس.

پنهنجي فرض جي پسيني ۾ رت جي وسيلي مون هن جو اڻ سڃاتل چهرو ڏٺو، هن جو پيلو منهن هن جون اکيون، اُجهاميل پيٽرومڪس جيان. مون اوُ، هن کي ڪيرايو. شايد منهنجي حملي جو ڀيربون نشان هوءِ نه ڏٺي ها، جيڪڏهن هن جي پيلن منهن چپن مان هڪ ڪمزور چيخ- واڌلن جي ڍلي تار مان نڪتل سوز ڀرئي آواز جيان- نه نڪري ها. هن جي ڪوپريءَ مان شعلا اڀري رهيا هئا، پر هو شانت پيو هو. شايد هن جي ڪوپريءَ کي ٻرڻ جي فرصت به ڪانه هئي. آهي شعلا هئا يا روشني؟ مون ان وقت خوب پوڳيو. شايد انڪري به جو هن جي ريشمي وارن جي ياد مون کي نه آئي. ياد جيڪو مون کي رهيو، صرف منهنجي ٻانهن ۾ هن جي جسم جي گرمائش ڀريو وزن، هن جي وارن جي خوشبوءِ، پنهنجي هٿن جي گرمي، جن سان مون هن کي ڇهيو هو. پوليس وارو ٻه، ٻوءِ اها ڳالهه سمجهي نه سگهيو ته آهي هٿ مون سوٽ جي کيسن ۾ ڇو لڪائي ڇڏيا، مون هن جي وارن جي ٻاقيلي گرمائش لڪائڻ ٿي چاهي، صرف پاڻ لاءِ رکڻ ٿي چاهي- ان ٻاقيلي گرمائش جو سنڌ پهاڙي فضائن ۾ برف ۾ اپريل پهرئين ٻوٽي سان آهي. تو کي ياد آهي....

مان اڃا تازو بيماريءَ مان اٿيو هوس، اهوئي سبب

آشنڪا جي ڪاپنا ڪري ڏچي دور ٿيڻ چاهيندو آهيان البت ڪجهہ مدت واسطي تو منهنجو اهو خوف لاهي ڇڏيو هو.

مان ٻهرين ڏاڍيون رڙيون ڪندو هوس، پوءِ آهي بند ٿيون هيون. آهي وري تڏهن شروع ٿيون، جڏهن مون توکي آن شخص جي ٻانهن ۾ ڏٺو. شايد اُنهن رڙين ئي مونکي اهو ٻل ڏنو جو مان توتي حملو ڪري سگهيس آن وقت جي منهنجي اندر ۾ آها ٻماري هير وري موتي آئي. آها سڪ دک جي مفهوم کان ٻاهر هئي ۽ مون تنهنجي وارن جي ٻاقولي گرماڻش پنهنجي هٿن ۾ محفوظ رکي. پوليس وارن کي مون ڪجهہ نہ چيو. پوليس استيشن تي سيني عقوبتن مان گذرندي مون کي دک انيو نہ ڪيو. مونکي توسان گهاريل آهي گهڙيون ياد اچي رهيون هيون؛ بس آهي ئي.

.... اسان ان وقت گڏ هي وڪي پيتي هئي. اسان زور سان کليو هو ۽ پوءِ اهو ياد ڪندي مونکي دک ٿيو هو تہ مان شايد چڱيءَ طرح کلي نہ سگهيو هوس. ان ڪري جڏهن اسين هيٺ ترائيءَ ۾ تيزيءَ سان ڊوڙندا آياسين. تڏهن مان پاڻ کي زور زور سان کلڻ کانسواءِ روڪي نہ سگهيس. تون بہ کلي رهي هئين لڳاتار. مان هينئر بہ تنهن جي کل ٻڌان ٿو. آن ۾ انوکي خوشبوءِ آهي. منهنجي آن روم ۾. جيڪو آن وقت بہ مونکي هو– تنهن جي کل جا پڙاڏا اچا ٻڌان ٿو. تنهن جي

کل منهنجي ٽنگن، سٿرن، ٻانهن مان لرزي لنگهي ٿي وڃي ۽ جڏهن مان اها وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهان، تڏهن اٿي دريءَ مان برسات کي ڪرندو ڏسندو ٿو رهان.

ڪجھ پلن بعد مان اهو نٿو ڏسان. هڪ جسم آهي، جيڪو ڳپ ۾ ڦٽڪي رهيو آهي. اهو مونکي ڪنهن جانور جو شرير ٿو لڳيءَ جو ٻوهه مونکي پنهنجو شرير سمجهڻ جي دل ٿي ٿئي. ڇو ته مان اڪيلو ۽ دکي آهيان. جيڪڏهن مان هن دريءَ مان نهارڻ بند ڪندس ته مونکي ڊپ آهي ته هڙهَ منهنجي اکيان اچي نه وارد ٿئي. مان ڪوشش ڪري انهن چند عورتن کي جن کي مون پنهنجي حياتيءَ ۾ ڏٺو آهي- عورت جي روپ ۾ ڏٺو آهي، هوٽل جي فئملي روم ۾ ڏٺو آهي. مان چاهيان ٿو ته ان نموني جي عورتن کي وري ڏسان، گهٽين ۾ هوٽلن ۾، فارس روڊ جي ڪڙڪين ۾، جيئن صرف آن هڪ عورت کي ڏسڻ ڪان بچي وڃان- مان عورت کي جنرل روپ ۾ ڏسڻ چاهيان ٿو. ڪوبه مخصوص عڪس ٻوهه چاهي ڪهڙيءَ به حسين عورت جو هجي، مونکي نه کپي- پر اهو شايد ممڪن نه آهي، ڇو ته مونکي ٻڌايو ويو آهي ته هوءَ مري ويئي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ هن کي جنرلائيز ڪرڻ ڏکيو آهي. جن جا ريشمي وار هن جا ڪومل لب، هن جي ڪمر جو خم. مونکي ياد اچي ٿا وڃن.

مون اڪثر چاهيو آهي ته آهي ۾ چار نظارا، آهي

درشيہ هوند رنگن ۾ ڇتيان، جيڪي ڪنهن وقت مون
هن سان پيدا ڪيا هئا. ٻيو دفعو جڏهن اسان هڪ
ٻئي کي ڏٺو ۽ جڏهن هوءَ نهر ۾ سنان ڪري رهي
هئي- ۽ جڏهن اسين گڏ ٻيڙيءَ ۾ موٽياسين ۽ جڏهن
مون لڳاتار وسندڙ برسات ۾ پورا ٻه ڪلاڪ هن جو انتظار
ڪيو. پر ڪو انتظار کي ڪيئن ٿو ڇٽي سگهجي؟ مان
ڪيترين ڳالهيون پلجي ويندو آهيان، مونکي اهو به
ياد نٿو اچي ته جڏهن هوءَ مونکي چمندي هئي، تڏهن
مونکي ڪيئن لڳندو هو ۽ ڇا محسوس ٿيندو هو؟

.... .... .... ....

هتي هو مون تي ديا آئي رهيا آهن ته مان اهو
سڀ ڪجهه پلجي وڃان. جيڪڏهن هو ان ۾ ڪامياب
ويا ته ڇا ٿيندو؟ ته مان اهو لمحو وساري ويهان، جنهن
۾ مون ٻه پاڇا ڏٺا هئا، رين ڪوٽ جو اهو ڪالر- جو
متي چڙهيل هو، لئمپ پوسٽ جي روشني، پاسي ۾
وهندڙ مرين ڊرائيو جي مکيہ سڙڪ. ته مان ڪوبريءَ مان
نڪرندڙ شعلا نه ڏسان، ته مان هن جي سنهن چپن مان
آيرندڙ ڪمزور چيخ نه ياد ڪريان ته مان هن جي
شفاف اکين کي پلجي وڃان (جيڪي پيار ڪرڻ وقت
هوءَ بند ڪري ڇڏيندي هئي ۽ پوءِ مان هن جي جسم
کان ڌجڻ بند ڪري ڇڏيندو هوس).

اهو لکڻ ڪيڏو نه عجيب آهي ته جسم کان ڌجڻ
ڇڏي ڏيندو هوس. جسم معنيٰ ڇاتيون، سٿرون، ٻانهون

هئي جيڪا مون وٽان نو چورائي هئي ۽ جيڪا تو وٽ هاڻ پالتو آهي.

ڪنهن ڏينهن شايد تون به مون تي دياءُ آڻين ته مان اُن ڪتي جي روپ ۾، تنهن جي مٿان اُن شخص سان پيريءَ ڪندي ڀيرو ڏيان، جنهن کي مون مارڻ چاهيو هو. مان هن کي ڏسي سگهان ٿو هو بنا چهري جو شخص آهي، جنهن جي ريڍ ڪوٽ جو ڪالر مٿي چڙهيل آهي. ۽ جيڪو توکي مزو ڏيڻ لاءِ ڀونڪي رهيو آهي. هتي به، هڪ عورت هر رات ڀونڪندي آهي پر مزي ۾ نه، پر دک وچان، لاشڪ هوءَ ڪتي جيان لڳندي آهي. چوته هتي اسين سڀ ڪتا آهيون. جڏهن مون هن تي حملو ڪيو تڏهن مون هن جو چهرو نه ڏٺو هو. هو گهٽيءَ ۾ ائين ڪريو هو، ڄڻ ڪنهن گندي نالي ۾ ڪري پيو هجي. چهرو مان اُن وقت به ڏسي نه سگهيو هوس. اهو ائين هو ڄڻ مون ڪنهن ريتيءَ جي ڳوڻ کي ليٽايو هجي يا جڏهن مان پنهنجي وهاڻي کي مڪون هڻندو آهيان ڪجهه اهڙوئي بي حس احساس مونکي اُن وقت ٿيو هو. پوليس اسٽيشن جو عڪس اکين ۾ نه اکين ۾ نه ذهن ۾ تري ٿو اچي، جڏهن مونکي هنن ماريو هو، اتي به مونکي اهڙوئي مرده احساس ٿيو هو.

ڪڏهن ڪڏهن مونکي لڳندو آهي ته روشن رنگ ۽ آواز نه هئا، جيڪي مون تي ڌڪن جيان لڳا هئا. مثال طور هن جي. وارن جو اطلسي رنگ، رت سان

# خوف

"اڄ، اڄ، ڪيئن ('بلڪل ٺيڪ') ويھہ، اڙي، ڇاھہ جا ۾ ڪپ، ڪجھہ نہ ڪين ھجي تہ آھو بہ، شام آھو آھي." ھن جملي جو پويون حصو ڪجھہ زور سان، ٻاھر ڪملا کي مخاطب ٿي چيو. ان وچ ۾ شيام صوفا تي جمي چڪو ھو. ھن مارڪ ڪيو ھو اکيي جيائن ڏکئو لڳي رھيو آھي.

"تو چيو 'بلڪل ٺيڪ'. نہ، فقط ٺيڪ. اڄ 'بلڪل' ڪير آھي." ڪمري جي دروازي تان موٽي پلنگ تي ساڳي آھڪ واري جاءِ والاري، ھن چيو، "جيتوڻيڪ توکي ڪٽي فقط 'ٺيڪ' چوڻ بہ، مونکي لڳي ٿو، ڪوڙ آھي." ھن وھائي ھيٺانئن سگريٽن جو پاڪيٽ ڪڍڻ شروع ڪيو.

۽ شيام واڇون ٽيڙي ڏکو کلڻ ۾ لڳي ويو. ھن کي لڳو ڳالھہ شروعات ڪان ئي چمڙ لڳي آھي. شيام ڄاڻندو بہ ايندو آھي تہ ٿوري ئي وقت ۾ پنھنجا پنھنجا دکــ درد ڪجھہ اھڙي انداز ۾ پڌائڻ لڳندا آھن، جو معاملو روئڻ، روئارڻ تان بہچندو، دک جي عالمگير

فلسفي تي بحث ختم ٿيندو آهي. پر اڄ هو شيام کي ايترو وقت به ڏئي نه سگهندو، ان ڪري شروعاتي جملي ڳالهه بگاڙي به ڇڏي آهي. من ئي من ۾ هن کي ان تي پڇتاءُ ٿيو. هاڻي شيام شايد سڄو ڏينهن پنهنجي ڪنهن تازه ترين ڪيس جو مربستو بيان ڪندو ۽ هن جو موڪل جو ڏينهن پورو برباد ٿي ويندو. ان ڪري ترت ئي هن سگريٽ دڪان تي ڇڪي وڃڻ چاهيو پوءِ الائي اهڙو موقعو ملي يا نه.

”گهڻن ڏينهن ٿيا، ڇيمر تو سان ملي ئي وڃان.“ شيام ٽپائيءَ تان انڊش ٽري کڻي آڳر تي ڦيرائڻ شروع ڪيو. ”ها، پڪ، ڇانهه ٻاهر ڇو نه هلي پيئون. مان پوءِ آتان ئي هليو ويندس.“

”نه يار، اڄ ڇڏ. سونکي گهڻوئي سوچڻو آهي.“

ڇعي هن اک ٽيٽ سان اهو جاچيو ته شيام جو چهرو وڏيڪ ڦڪو ٿي ويو آهي. ان تي هن جي من ۾ ڪجهه دبا به آيري.

اصل ۾، اڄ هو رواجي نيم جي آبتڙ سويل جاڳيو هو. ان ڪري هن کي خاص عجب ڪونه لڳو هو. هونئن موڪل جي ڏينهن دير دير تائين ستو رهندو آهي. جاڳڻ وقت هن کي پهريون خيال شيام جوئي آيو هو. هن سوچيو اڄ شيام سان ملڻ جو ستو ’موڊ‘ آهي گهٽ ۾ گهٽ موڪل جي اڪيلائيءَ کان هو ڪافي ڪاميابيءَ سان پاڻ بچائي سگهندو.

’پاڻ بچائڻ‘ جي ڳالهه تي هن کي نيما جي لفافي

”تون ڪلي رهيو آهين. يار حد آهي. تون به منهنجو دک نٿو سمجهين؟“ شيام سڏو ٿي ويٺو، شايد اُتي وڃڻ جو ارادو ڏيکارڻ ٿي چاهيائين. ”ڇڏ، مان هلان ٿو. هاڻي تون ٿي اڇجانءِ، جڏهن منهنجي دک کي سمجهي سگهڻ جي لائق ٿين.“

”چانهه.... پر چانهه ته پي وڃ.... مان توتي ڪونه ڪليس“ هن زور سان آواز ڏنو. ”ڪملا، چانهه جو ڇا ٿيو، پاڻي؟ ويهه، ويهه، يار ائين ايتري ۾.... دک سهڻ ڇا سولو آهي.“

شيام، جو اڌ پورو اٿيو ٿي ڪونه هو، ٺهڪ ڏيئي صوفا تي ليٽي پيو. هاڻ هن کي ۽ ڪ ٿي ويٺي ته ڪلهه ٿي شايد هن جي وڏي پيءُ ڪنهن گهر وڃي ڪنهن ڇوڪريءَ کي ناپسند ڪري آئي آهي ۽ پوءِ شام جو چانهه جي پيالن تي اُن ڇوڪريءَ جي جسماني بناوت، عادتن جي حقيقي يا قياسي نقصن تي انيڪ مذاق اُڏائيندي هنن گڏجي وڏا ٽهڪ ڏنا آهن ۽ پڻ ٽهڪ ڏيندي ڏيندي شيام جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو هوندو ۽ ڪ ٿي پڪ اُن وقت هن مشڪل سان پاڻ کي هن مان گڏجڻ کان روڪي ورتو هوندو.

پر مان اُن ۾ ڇا ٿو ڪري سگهان! هن کي شادي ڪرڻي ٿي ڪانهي. بهانا پيو ڳولهي بهانا. ڇي: ٺاڪر، ڇوڪري اهڙي هجي جا مونکي پنهنجن گهاٽن ڪارن زلفن ۾ لڪائي، سڀ دک ڀلارائي ڇڏي. ڏس نه، ڪيترا

’اڦيئر‘ جا ڪيترا روماني باب پڙهايا هئا. هن جي پيار ڀريل خطن جا ڪي فقرا، جيڪي هن کي برزبان ياد ٿي ويا هئا، دهرايا هئا. پر شيام کي اهڙو ڪوبه خط نه مليو. ٽراس ٿي، ڊرت ٿي، هن جي اچڻ کان اڳ، هو صوفا تي ساڳيءَ طرح ويهي رهيو اُٿش ڏري جي رڪ ٽپائيءَ تي چنبڙي، پنکي جي هوا ۾ آن کي آڏامندو ڏسندو رهيو.

باٿ روم وچان جو هن کي پيو ڪو ڪارڻ ڪونه هو. فقط ڪي گهڙيون اڪيلو رهي، هن شيام کي ڪارڻ بابت ڪجهه سوچڻ ٿي چاهيو. پر باٿ روم جو دروازو اندران بند ڪري هن کي ويچار ٿي پيو آيو ته.... پڇڻ ڪانئرتا آهي، نيما جو وشواس ٿي ٽٽي پوندو. اج ڪيئن به نهما کي الڳ، پپا کي الڳ هو هڪ چٽرائي ڀريو خط لکندو: ”مسٽر پارگو، يو شڊ بليو ماءِ آنيسٽي ۽ سنسيرٽي.... يو هئو نو رائيٽ ٽ اسپائل ماءِ....‘ هن اهو خط ڪلهه صبح کان نه ڄاڻ ڪيترا دفعا من ٿي من ۾ دهرايو هو، وڌايو، گهٽايو هو، ڦيرايو هو. ڊڪشنري ڪڍي ڪيترا سٺا لفظ ڳولهي، الڳ لکيا هئا. پنهنجي پر اثر ڊرافٽنگ تي هن کي فخر ٿيو.

ٻاهر نڪري هن ڏٺو ڪچن بند هو. ڪملا شايد شايد ’لنٽرن‘ ويل آهي، هن سوچيو. هو جڏهن ڪمري ۾ موٽيو ته ديال به آتي حاضر هو.

هن آنان ڏي رڙ ڪئي، ”ڪملا، چڱو رهڻ ڏي

چانهه. هتي نمبر وڏي ويو آهي. اُهو هوٽل تي ئي ٽا وڃون."

"چئه ديال، تنهن جي سماج سيوا جو ڪهڙو حال آهي؟" پر من ۾ هن قبولي ورتو ته اڄ جي موڪل بس ويٺي بيڪار. گوڪ اڪيلائي ورهائجي وڃڻ سبب هو صبح کان هينئر پاڻ کي ڪجهه هلڪو هلڪو محسوس ڪري رهيو آهي. هن سگريٽ جو پئڪيٽ ديال ڏانهن وڌايو. ديال آڏي ۽ بيپرواهه نگاهه سان شيام کي توري رهيو هو.

"ٻڌ ٺاڪر، توکي اڄ ڪلاڪ ڏيڍ ڪڍڻو پوندو" ديال سگريٽ دکائي صوفا تي ٽيڪ ڏني، "يار، هنن ڀيلن پنهنجون حرڪتون وڌائي ڇڏيون آهن. ڪلهه پل وٽ نوين لڳي رات جو چئناڻيءَ جي پيءُ کي روڪي پئسا ڦري ويا. ٽيون ۽ چوٿون ڏينهن به اهڙيون وارداتون ٿيون آهن.

"نه ته ڇا ڪن. مان ٿو چوان هنن کي اهو گهڻو اڳ ڪرڻ کپندو هو. جن وٽ وڌيڪ پئسا آهن انهن کان ڦريندائي."

"ڪمال آهي، اهو ته انڌير ڇئبو. پوليس به هنن سان ٻٽ آهي. اسان جي ڪالونيءَ کي ڇڏي ٻئي هنڌ وڃي ڪجهه به ڪن. اسان جو ڇا." ديال سگريٽ جا ٽڪڙا ٽڪڙا ڪش هڻڻ لڳو. شيام انهن ڳالهين کان ڇڙ ڪتيل، مخزن ۾ منهن کپائي ويٺو رهيو.

هـن آتـي نـائيٽ ڊريس مٿائـي پينٽ شرٽ پاتي. پينٽ جـي کيسي ۾ بي خياليءَ سان هٿ وڌائين تـه ان ۾ نيما جـو لفافو پيو هـو. هـن هڪدم هٿ ٻاهر ڇڪي ورتو، ڇـو ته اندر کنهن ڀرندڙ آگر سـان هٿ ٽڪرايو هجيس.

”پر اِن ۾ تون يا مان ڪجهه به نٿا ڪري سگهون“ هن ڪمري جي دروازي ڏانهن وڃـي رڙ ڪئي، ”رهڻ ڏي ڇانهه، ڏاهي هجيئي ته ٻارن کي ڏيئي ڇڏج.“

ديال معاملي جا تفصيل ٻڌائڻ لڳو تـه پوليس هنن سان مليل آهي. ڪجهه نـه ٿي ڪري. پيلن جي مکيءَ کي گهرائي ڪجهه ڏاڪ ڌمڪي ڏيئي پوندي، ڪجهه پرچاءُ ڪرڻو پوندو. وڪيل سئناڻيءَ ميجو آهي تـه هو کين سمجهائيندو. هن جو ڏاڍو اثر اٿـن. اِن ڪري اڄ ميٽنگ ڪوٺائي اٿس، ديال زور ڀريو تـه هو به ضرور اُن ميٽنگ ۾ اچي.

هـن ٺهڪ ڏنـو، اِهـو چورن جـو وڪيل سئناڻي پنهنجن اصيلن کي سمجهائيندو تـه هنن شاهوڪارن کي نه ڦريو. ٻئي هنڌ پلي وڃي چوريون ڪريو ۽ پوءِ تو هانکي چوندو سائين چنتا نه ڪريو. مان ويٺو آهيان، ديال يار رت ناياب آهي.“

شيام آئي ٻيهي رهيو، لاچار ديال کي به اٿڻو پيو. هن سوچيو پوليس ۽ وڪيل سان تـه مونکي به واسطو پئجي سگهي ٿو. سگهيٽو ڇا، پڪ پوندو. نيما کي ٻار ٽڪي

پهو آهي، هن جي ٻڌيءَ وٽ ثابتيءَ طور سنڌس کي خط ٻه آهن. ٻڌي، سچ، ڏاڍو ضدي آهي. سمجهي ڪجهه به نٿو. مان ۽ نعما گڏجي مڄايونس ته پار نيڪال ٿا ڪرايون. مجي وڃي شايد. نه، نه مڃيندو. ڪيئن به منهنجي پاس ٿاڻين ڳالهه نه وڃي ڪڍي. هوءَ ڏاڍو اخلاق جو ڪوڏيو آهي، منهنجو الائي هن تي ڪيئن سنو اثر ويٺل آهي. اثر وڃي پوي ڪڏ ۾ لهيس ته لهيس. نوڪري نه وڃي ڪڍي. آءٌ ڪانٽ آفورڊ اِٽ. نعما به بس چري آهي، هاڻ وٺ مزو. ٻٽ ڪر عشق. اڳي به پريمي هوندا هئا، محبت ۾ پيا پچرندا، پر مجال آهي جو هڪ ٻئي کي ڇهن به ڪٿي، روحاني پريم هوندو هو روحاني.

هن پاهر نڪرڻ وقت ديال جو چهرو ڪجهه لٿل پاتيو. لڳو هوءَ ناراض ٿي ويو آهي ۽ کيس آٿت ڏيڻ ضروري آهي.

”ڪهڙو ٽائيم آهي ميٽنگ جو، مان اينڊس اِها بي سلامتي ۽ سماج ۾ ڦهليل بداخلاقي ڪيئن به بند ٿيڻ گهرجي. حد ٿي ويئي آهي ٻيءَ. آخر هيءَ شريفن جي بستي آهي.

نرتڪي هن ڪي پاڻ تي عجب لڳو ته اِهو سڀ هو چـا چئي ويو. جيڪي لفظ هن نصور ۾ ڪيترا دفعا هين جي واتان پاڻ بابت يا پاڻ ڏانهن مخاطب ٿي چيل هئي تي خوف محسوس ڪيو هو، اج ڪيڏي صفائيءَ

شيام کان اڪثين روئي روئارڻ جو پورو بدلو وٺي سگهندو. دک چا آهي، دک جو فلسفو، ان جي ذري به خبر ڪانه اٿس.

سامهون بس اچي رهي هئي، ديال چانهه ختم ڪري اٿي کڙو ٿيو. ”چگو ڊاڪٽر، مان هلان ٿو، ڏس تون ضرور اچج. مون کي اچا گهٽن کي اطلاع ڏيڻو آهي. بار ٿو جهڙا پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو به جيڪڏهن سماج لاءِ ڪجهه نه ڪندا ته پوءِ اونده سمجهه.“

هو اول ته سسي ويو. وري دل ۾ آيس ته ديال کي سڏي پڏائي. پر پهاران ”ها، ها، ضرور“ ڪندو رهجي ويو.

”چگو“ شيام به اٿي اُٿو. ”نه، نه ويهه، ٻي ٽا چانهه پيون. ديال جي ڳالهين ڊاڪو ٿي بگاڙي ڇڏيو.“ هن شيام جي ٻانهن پڪڙي ڪيس ويهاريو ۽ چانهه جو آرڊر ڏنو.

”پڌ، مان سوچي رهيو هوس، اهو ٺيڪ ناهي. ڪا سٺي سنسڪاري ڇوڪري ڏسي ترت شادي ڪري ڇڏ. اهي خوابن جون ملڪائون هئي ڪنهن کي ملئيون آهن يار.“

”مان هلان ٿو“ شيام اٿي بيهي رهيو. هو نروس ٿي آيو هو، اهو صاف پئي لڳو.

”منهنجو مطلب آهي، ترت ڪو نرنئه ڪرڻ تنهن جي ٿي پلي لاءِ....“ هن جملو اڌ ۾ ڇڏيو ۽ پاڻ به اٿي بيٺو.

”مار گولي پلي کي.... تون به“ ۽ شيام هليو ويو. هاڻ هن لاءِ چنڻ اُن مخصوص پل ۾ جيون جو ڪوبه

مقصد ڪونه ٻجهيو. زندگيءَ جا سڀ سلسلا ڇڏائجي ويا. هو وري گهر موٽي وڃڻ ڪان ڪيٻائڻ لڳو. گهر ۾، اَن پلنگ تي، پلنگ جي مقرر اَن ٽيڪ تي، هن کي لڳو، نيما جي خط جا فقرا، ٻيا جي ڏمڪيءَ جا لفظ هن جي انتظار ۾ سجاڳ ويٺا آهن. هو جيئن ٿي ويندو، ڪيس چنبڙي پوندا هن جي دل، دماغ تي سوار ٿي ويندا ۽ هو نستو ٿي پوندو.

# اسان وٽان هي ڪتاب گهرائي سگهو ٿا

| | | | |
|---|---|---|---|
| ۰۱ | ڪويت ڪنارا سفر نامو | الطاف شيخ | ۱۰-۰ |
| ۰۲ | بندر ديسان ديس | ,, | ۸-۰ |
| ۰۳ | سمونڊ جن ساٿيهه | ,, | ۴-۰ |
| ۰۴ | سي جوين ڏينهن | ,, | ۱۰-۰ |
| ۰۵ | بندر بازابون | ,, | ۱۲-۰ |
| ۰۶ | اندر جنهن آڃ | ماهتاب محبوب | ۱۵-۰ |
| ۰۷ | سون ورني ڌرتي | سليمان شيخ | ۱۰-۰ |
| ۰۸ | ڪهاڻي نمبر | منصور پبليڪيشن | ۱۵-۰ |
| ۰۹ | ٻاڙي ناهي ٻروڙ ڪهاڻيون | بادل جمالي | ۷-۰ |
| ۰۱۰ | ساماڻي ڌ. سک ويا | نيلوفر مظفر | ۹-۰ |
| ۰۱۱ | پل ٿي ويئل هڪ نوجوان | ڪيهر شوڪت | ۶-۰ |
| ۰۱۲ | جلا وطن | نورالهديٰ شاهه | ۲۰-۰ |
| ۰۱۳ | ڪربلا | ,, ,, | ۱۵-۰ |
| ۰۱۴ | ڪهاڻيون | حامد بروهي | ۱۰-۰ |
| ۰۱۵ | پن ڇڻ ڪانپوءِ | شرجيل | ۱۵-۰ |
| ۰۱۶ | اڌورو سفر (ناول) | ڪرشن چندر | ۴-۰ |
| ۰۱۷ | ڏٺم اڻ ڏٺل | نجم عباسي | ۱۵-۰ |

گهرائڻ لاءِ:-

ڪنول پبلشرس ۴۷۴ صدر، حيدرآباد سنڌ

# ويجهڙائي ۾ شايع ٿيندڙ ڪتاب

## گونگي ڌرتي، ٻوڙو آڪاس (ڪهاڻيون)
## شوڪت حسين شورو.

شوڪت حسين شورو سنڌ جو سڄاڻ ۽ مهان ڪهاڻيڪارن ۾ شمار ٿئي ٿو. ان عظيم ليکڪ جون بهترين ڪهاڻيون ڪتابي روپ ۾ توهان آڏو. صفحا ١٦٠ ڪرائون سائيز ڊسٽ ڪور فتاح جو ناهيل چئن رنگن ۾ ڪور. قيمت ١٠ روپيه.

## رات، سانت ۽ سوچون (ڪهاڻيون) طارق عالم

نئين ٽهي جي نوجوان ۽ سرت پرئي ليکڪ جي ڪهاڻين جو نڪور مجموعو. ڇپائي جا مرحلا تيزي سان طئي ڪري پيو. دلڪش سرورق صفحا ١٦٠ ڪرائون سائيز قيمت ١٠ روپيه.

## گهايل گهايل سپنا سپنا (ڪهاڻيون) هدايت پريم

سنڌ جي عظيم ليکڪ جون لکڻيون ڪتابي شڪل ۾ صفحا ١٦٠- ڪرائون سائيز- قيمت ١٠ روپيه

## پريم پتر (خط)

دنيا جي عظيم تخليقڪارن جا خط پنهنجي محبوبائن ڏانهن- منفرد ڪتاب- پاڪيٽ سائيز- قيمت ١٠ روپيه

ايجنٽ پنهنجو آرڊر بڪ ڪرائن.

# ڪنول پبلشرس

معرفت: پرفيڪٽ پرنٽرس ٤٧٤ صدر حيدرآباد